جئه شري ڪرشن

خوشين جو خزانو

ڇاپو ٽيون - مڪر سنڪرانت - ١٤ جنوري ١٩٩٣





ليکڪ ۽ ڇپائيندڙ

ديو ڏاس سچانند آهوجا "جيون"

 ] پيسا ٠٠-٨ رپيا [ڪاپيون ١٠٠٠

(گایتري منتر)

م - پورنٔ مدہ - پورنٔ مدم - پورنٔات - پورنٔ مد أچیتي
پورنٔسیہ - پورنٔ مادای - پورنٔ میوا وشیشتي

م - پور پوہ سوہ تت سوتر - ورنیم پرگو دیوسیہ
دي مهي دیو یو نہ پرچو دیات

م - ولشي و پؤشت کران لٕ کٕ لیر دا پات
پیتامبرا درنٔ بمب قلا دروشتات
ورنیمد سندر مکارولد لیترات
کرشنات پرم کمپ تتو مهم لہ جالي

وم - گوپال بالم پو لٹیکپالم - سنسار مایا متي موہ جالم
شو و شالم ششو پال کالم - بالم مکندم منسا سمرامي

وم - سروي پؤ انتو سکي نمہ - سروي سنتو ارامیا
سروي پدراٹي پشنتو - ماکشچد دکہ پاگہ پویت

وم - وسدیو ستم دیوم - کنس چاٹور مردلم
دیوکي پرمانندم - کرشنٔ ولدي جگت گرو

وم - گرژ برهما - گرژ وشنو - گرژ دیو مهیشورا
گرو سا کشات پر برهم - تسمئي شري گروي نمہ

ستنام ساکي

سالڪن جا سخن

١- ڏسڻ گهرين ته، حق ۽ ناحق جو تفاوت ڏس.
٢- ٻڌڻ گهرين ته، ايشور جي تعريف ۽ مظلومن جي پڪار.
٣- ڳالهائڻ گهرين ته، مٺيءَ زبان سان سچ ڳالهاءِ.
٤- کائڻ گهرين ته، غصي ۽ ڪاوڙ کي کاءُ.
٥- توبهه ڪرڻ گهرين ته، گناهه ۽ ظلم کان توبهه ڪر.
٦- پهرڻ گهرين ته، نيڪيءَ جو جامون پهر.
٧- ڏيڻ گهرين ته، دان ڏيئي وساري ڇڏ.
٨- هلڻ گهرين ته، هردم سچ جي راهه تي هل.
٩- گلا ڪرڻ سڀ کان وڏو گناهه آهي.
١٠- ٻين جي چغلين تي اعتبار نه ڪر.
(سوامي شانتي پرڪاش مهاراج)
١١- جنتا ۾ جناردن پسي، جنتا جي سيوا ڪر.
١٢- سادگي سچي سکن جي کاڻ آهي. (ديال آشا)
١٣- ڪپت جي ڪمائيءَ کان بک مرڻ بهتر آهي.
١٤- محنت اختيار ڪر ۽ گهٽ خرچ تي هر.
١٥- غريبيءَ جي سگنڌ، گل کان بهتر آهي.
١٦- پنهنجي دل جو ڳجهه ڪنهن کي نه سل.
(رشي رگهورام)

مغز کي طاقت ملي ٿي. کلڻ ۽ خوش دل رهڻ بنا هاضمي ۽ قبضيءَ لاءِ بنا خرچ ۽ بنا تڪليف اڪسير علاج آهي. دنيا جي ڪيترن شهرن ۾ اهو رواج آهي ته جڏهن ڪا پنگت يا گهر جا ڀاتي گڏجي کائڻ ويهندا آهن، تڏهن هڪڙو ماڻهو انهن کي کلائيندڙ چٽڪا يا وندرائيندڙ آکاڻيون ٻڌائيندو آهي. انهيءَ ڪري رسوئي به رس واري ٿيندي آهي ۽ هاضمو به سٺو ٿيندو آهي. دنيا جي ڊاڪٽرن، حڪيمن ۽ دانائن جو رايو آهي ته هر وقت خوش دل ٿي رهڻ گهرجي. پر خاص ڪري رسوئي کائڻ وقت ته دل تي ڪنهن به قسم جي ڳڻتي يا فڪر جو بوجهه نه هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو دل غمگين هوندي ته رس خشڪ ٿي ويندو آهي ۽ هاضمي ۾ خلل پوندو آهي. جنهنڪري انسان ڪيترن مرضن جو شڪار ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري انهيءَ شڪايت کي دفع ڪرڻ لاءِ هميشه خوش دل رهڻ گهرجي ۽ هي کلائيندڙ چٽڪا پڙهڻ گهرجن ۽ دل کولي وڏا ٽهڪ ڏيڻ گهرجن.

نوٽ: شڪرگذار آهيان شري ڌنراج پوج جاچيمل ليلاڻيءَ جو، جنهن جي بار بار اتساهه ڪرڻ سان هي ننڍڙو ڪتاب لکيو اٿم. پر سڀ کان وڌيڪ سولن صلاحون، هزارين همٿون، لکين لطف، ڪروڙين ڪرپائون، اربين آسيسائون آهن منهنجي ستگرو ديو **سوامي شانتي پرڪاش** مهراج جون، جنجي مهر سان هي خوشين جو خزانو توهانجي هٿن ۾ آهي. سندن چرڻن ۾ ڪوٽان ڪوٽ پرڻام.

داسن داس جيوٽداس سچانند آهوجا "جيون"

ستنام ساکي

(شري گڻيشاءِ نمه)

ليکڪ جي قلم مان:

(خوشين جو خزانو)



جيوتداس سچانند آهوجا

پرماتما هن جهان ۾ جيڪي به نعمتون يعني سک ڏيندڙ شيون پيدا ڪيون آهن، تن سڀني ۾ کل هڪڙي عجيب نعمت آهي. کل ڏک، ڏور ڪندڙ، غم ناسيندڙ، دل کي راحت ڏيندڙ ۽ هر علاج هڪ اڪسير دوا آهي، پر ڳڻتيون ۽ فڪر کٽ جي مثل آهن. انهيءَ کٽ کي کلڻ ۽ خوش مزاجيءَ جي قلعي سان ڏور ڪري سگهبو آهي. کلڻ مان انيڪ فائدا آهن. جنهنڪري انيڪ بيماريون دفع ٿين ٿيون. کلڻ ڪري آڪسيجن گئس گهڻي انداز ۾ اندر وڃي ٿي ۽ ڪاربانڪ ائسڊ گئس (زهري هوا) ٻاهر نڪري ٿي. جنهنڪري رت وڌيڪ صفا ٿئي ٿو ۽ رت جو ڦيرو تڪڙو ٿئي ٿو. جنهن ڪري سڄي شرير ۾ چستي ۽

ستنام ساکي

خوشبن جو خزانو

گل ڏئين سان گل - جيڪي گلي جاڻن
متان گلين ساڻ ٻين - گل ڪرائين
هل ڏئين سان هل - جيڪي هلي جاڻن
متان هلين ساڻ ٻين - حال وڃائين
سل ڏئين سان سل - جيڪي سانڍي جاڻن
متان سلين ساڻ ٻين - شور وڌائين
واهه ڏئين سان واهه - جيڪي واهي جاڻن
متان واهي ساڻ ٻين - واءُ وڌائين
گهر ڏئين سان گهر - جيڪي گهوي جاڻن
متان گهوي ساڻ ٻين - گهر وڃائين
لاءِ ڏئين سان لاءِ - جيڪي لائي جاڻن
متان لائي ساڻ ٻين - لوءُ وڃائين
ڪاءِ ڏئين سان ڪاءِ - جيڪي ڪائي جاڻن
متان ڪائين ساڻ ٻين - خرچ وڌائين
ٻيءِ ڏئين سان ٻيءِ - جيڪي ٻي جاڻن
متان ٻڌين ساڻ ٻين - ٻت وڃائين.

* ٻه پشپ *

ساهتيه ۾ نَو رس ٿيندا آهن. هر رس جي پنهنجي اهميت آهي. هاسيه رس واري ساهتيه ۾ جيڪڏهن ڪا سکيا به آهي ۽ منورنجن پڻ آهي ته اهو ساهتيه اُپيوگي ٿيندو آهي.

ڀاءُ پيارو جيوٽنداس آهوجا "خوشين جو خزانو" پستڪ ڇپائي شايع ڪري رهيو آهي، جنهنجي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان هاسيه رس جي پراپتي ٿئي ٿي. اِن هاسيه سان گڏ ڪي سکيائون پڻ سمايل آهن. هن پستڪ ۾ ڏنل چٽڪا پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ٽهڪ ئي ٽهڪ ڏبا. ٽهڪ ته هڪ خزانو آهن. ٽهڪن ڏيڻ سان، کلڻ سان، نئون خون پيدا ٿئي ٿو. نئون خون تندرستيءَ جي نشاني آهي. اڄڪلهه جي تناءُ واري زماني ۾ چنتت جيون ۾ اهڙن پستڪن جي اهميت آهي. هن کان اڳ پياري وشنداس آسرانيءَ پڻ ان قسم جا پستڪ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. چٽڪن سان گڏ هن پستڪ ۾ ڪي سندر سکيادائڪ ڪهاڻيون پڻ آهن. جي پاٺڪ پڙهي خوشيءَ جو احساس ڪندا.

پياري جيوٽنداس کي ڌنيواد آهي. شل ست ساهتيه پرڪاشت ڪندو رهي. نام سان نينهن لڳائيندو رهي.

سوامي شانتي پرڪاش مهراج

نوٽ: هي ٻه اکر سوامي جن جا اڳ جا لکيل آهن.

٥. هڪ دفعي وڪيلن جي آفيسر انسپيڪشن ڪندي وڪيلن کان سوال پڇيو، ته توهانجي ڌنڌي جو ٻياڻو توهانجو ڇا ٿئي؟

سڀ وڪيل اچي منجهيا. پنا ۽ پنسلون کڻي حساب ڪرڻ ويٺا. ڪلاڪ کن مٿو مارڻ کانپوءِ پڪراءِ چوڻ لڳا ته اهڙي ماڻهي اسانجي پارٽ ۾ هن وقت ڪانئين ته ڪانه ٿي آهي.

٦. هڪ سيٺ ڪنهن واڻئي تي هزار رپين جي دعوا ڪئي.

واڻيو هڪ وڪيل کي سؤ رپيه في ڏئي ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو. وڪيل واڻئي کي ڪن ۾ هڪ منتر سيکاري ڇڏيو.

جج - واڻئي کي - هي سيٺ توکي هزار رپيه ڏني؟

واڻيو - ٻان ....

جج - آهي توکي هڪدم ڏيڻ گهرجن.

واڻيو - ٻان ....

جج - جيڪڏهن نه ڏيندين ته جيل ۾ ويندين.

واڻيو - ٻان... مطلب، جج جيڪي پڇي واڻيو ٻان.

آخر جج ڪيس چريو سمجهي ڪورٽ مان ڪڍائي ڇڏيو ۽ دعوا رد ڪري وئي.

واڻيو ٻاهر نڪتو ته وڪيل چيس ڀائي، هلاءِ سؤ رپيا.

واڻيو - ٻان ....

١. ھا- مان پڙھڻ شروع ڪريان ٿو ان ڪلڪ شروع ڪر.
ٻيو- پڙھڻ واري کي ڪلڪ جي سخت مدح آھي.

٢. ھڪ وڪيل جو پٽ روئندو پيءُ وٽ آيو- ٻڌائين، مولوي صاحب ماريو آھي.
وڪيل- پٽ کي چڙب ڏيندي چيو- ھيڏي وڏي وڪيل جو پٽ ٿيو آھين، توکي اھا به خبر نه آھي ته وڏيءَ ڪورٽ جي برخلاف ھيٺينءَ ڪورٽ ۾ اپيل نه ھلندي آھي.

٣. ھڪ وڪيل پنھنجو فوٽو ڪڍايو. سندس زال فوٽو ڏسي چيو، ھي فوٽو غلط آھي، ھن ۾ توھانجا ھٿ توھانجي ڪوٽ جي کيسن ۾ آھن.
وڪيل- اھو غلط ڪيئن آھي؟
زال- وڪيل جا ھٿ ھميشه ٻين جي کيسن ۾ ھوندا آھن.

٤ ھڪ ساڳي پاڄيءَ وارو ھڪ وڪيل وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو، جيڪڏھن ڪنھن جي ڳانءِ ڪنھن جو نقصان ڪري ته انجو عيوض ڪنھن کي ڀرڻ گھرجي؟
وڪيل- ان ڳانءِ جي مالڪ کي.
پاڄيءَ وارو- ته مھرباني ڪري پنج روپيا ڏيو. توھانجي ڳانءِ منھنجون پاڄيون کاڌيون آھن.
وڪيل- نه، پنج روپيا ڪٽي باقي واھ روپيا ڏيئي ويو، چوته مان صلاح ڏيڻ جا پنجواھ روپيا في وٺندو آھيان.

١٢. ڪورٽ ۾ ٺهڪڙو مچي ويو، جڏهن وڪيلن جي دليل بازيءَ هلي رهي هئي. مئجسٽريٽ خفي ٿي خار مان چوڻ لڳو ته جيڪو ڪلهندو، تنهن کي گهر روانو ڪبو.

ڏوهاري، جيڪو پڌري ۾ بيٺو هو، سو زور سان ٺهڪ ڏيندو، پڌري مان لڙي هلڻ لڳو ته پوليس ڪيس پڪڙي پڌري ۾ بيهاريو.

ڏوهاري :- توهان کي جج جي زبان جو به خيال ڪونهي. ڏيءَ پٺ انهيءَ زبان سان ڏني آهي.

١٣. هڪ خوني، خون جي ڪيس ۾ ڪابه ثابتي نه ملڻ ڪري بي ڏوهي ٺهرايو ويو. پر جج هو سياڻو، تنهن سمجهيو ته هي آهي برابر خوني، پر هن تي ڪوبه شاهد، شاهدي نٿو ڏي. سو انڪل ڪري فتوي جي ڏينهن خونيءَ کي چيائين ته ڪورٽ ڪابه ثابتي نه ملڻ ڪري، توکي ڇڏي ٿي ڏي، پر آئينده اهڙو ڪم نه ڪجانءِ.

خوني :- (اڪڙ ۾) نه سائين.

جج: (ڪلي)، ڇڱو توکي جم ٽپ ٿي ڏجي.

١٤. جج: (چور کي) توهن سيٺ جي ڪار ڇو چورائي؟

چور:- سائين، ڪار مسالن جي پرسان بيٺي هئي. مون سمجهيو ته مالڪ مري ويو هوندو ۽ ڪار ڇڏي ويو هوندو خيرات لاءِ.

وڪيل - اڙي اهو ته توکي مان سيکاريو.
واڻيو - ها... واڻيو دل ۾ چوڻ لڳو "ڀلا، انهيءَ
ڳان جي اڳيان هزار رپيا ست نه، سهي سگهبا نه
لڌهنجو سؤ روپيه ڇا ڀلا سهي سگهندو.

۷. هڪ جج ڪاوڙ ۾ وڪيل کي چيو ته تون مونکي
قاعدو سيکاري نه سگهندين.
وڪيل - ڏاڍو سچ سائين - ها سائين، برابر، مان توهانکي
قاعدو سيکاري ڪين سگهان جو توهانجي بدي
اهڙي آهي.
جج شرمندو ٿيڻ لڳو.

۸. جج - چور کي - تون هن جي گهر ۾ ڇو گهڙئين؟
چور - سائين دروازي تي لکيو هو. ڀلي ڪري آيا.

۹. جج - چور کي - شرم ڪونه ٿو اچيئي، گهڻا دفعا
ڪورٽ ۾ آيو آهين!
چور - توهانکي شرم اچي ٿو، روز روز ڪورٽ
۾ ايندي.

۱۰. جج - چور کي - چوري ڪرڻ سٺو ڪم آ؟ ڀلو
ڪو لڌهنجي لاءِ ڏنڊو ٿي ڪونهي؟
چور - سائين ڏنڊو ته سٺو آ، پر پوليس ۽ توهان
جهڙن ماڻهن هنجو لاج وڃائي ڇڏيو آهي.

۱۱. جج - چور کي. ڀلاءِ گهڻو ڏنڊ رکاءِ؟
چور - پنج پئسن کان، جيترو سهي سگهان.

چاهيو، سو سيٺيءَ اچي درياهه تي هڪ ٻيٺل ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا. سڄي رات واري سان ٻئي ونجهه هلائيون ۽ خوب درياهه جو سير ڪري ٿڪجي پيا. جڏهن صبح جو اٿيا ته ڏسن ته ٻيڙيءَ جي زنجير پاهو لڳل ڪل سان ٻڌي ٿيل آهي.

١٩. هڪ شرابي شراب جي نشي ۾ ٿي ويو ته سامهون هڪ لالٽين جو ٿنڀو ڏسي، ماڻهو سمجهي چوڻ لڳس ته رستي تان هٽي وڃ، نه ته ماري ڇڏيندوسانءِ. پر ماڻهو هجي ته هٽي. هن ٻــه جوش ۾ اچي ٢-٣ ٽڪر لالٽين جي ٿنڀي کي هنيا. پنهنجي مٿي مان رت وهندو ڏسي چوڻ لڳو ته تو منهنجو مٿو ڦاڙيو آهي، مان به توکي ڏسي وٺندس.

٢٠. ٻه شرابي هڪ هنڌ گڏ سمهيا پيا هئا ته هڪ جي مٿي ۾ اچي خارش ٿي، تنهن پرسان سمهيل شرابيءَ جو مٿو کنهڻ لڳو.

ٻئي پڇيس ته هيءُ ڇا ٿو ڪرين؟

پهرين چيو ته منهنجي مٿي ۾ خارش ٿئي ٿي. تون چپ ڪري سمهه.

٢١. هڪ ڪاٺو، نانڪ جي اڌ ٽڪيٽ وٺڻ لڳو ته ٽڪيٽ ماستر چيس ته اڙي بي عقل، ڪڏهن نانڪ جي به اڌ ٽڪيٽ ملندي آهي!

١٥. ماستر:- (ڇوڪرن کي) اکيون ڏسڻ جو ڪم ٿيون ڏين، پر نڪ ڪهڙو ڪم ٿو ڏي؟

هڪ ننڍڙو ڇوڪرو:- سائين، نڪ اوهان جي عينڪ کي ٻهارڻ جو ڪم ٿو ڏي.

١٦. پادريءَ ليڪچر ڪندي چيو:- حضرت عيسيٰ اُمت کي ڇوٽڪارو ڏيندو.

ماڻهن پڇيو:- حضرت عيسيٰ ڪير آهي؟

پادري:- خدا جو پٽ آهي.

ماڻهن پڇيو:- ڀلا خدا پاڻ جيئرو آهي؟

پادري:- خدا ته جيئرو جاڳندو آهي.

ماڻهن چيو:- پوءِ اوهين ڪيئن ٿا چئو ته، پيءُ جي جيئري پٽ مکتي ڏيندو. اسان وٽ ته رواج آهي ته جيسين پيءُ جيئرو آهي، تيسين ان سان ڪم آهي. جڏهن هو مري ويندو، تڏهن پٽهمس مالڪ آهي.

١٧. هڪ شرابي شراب جي نشي ۾ ڇت تان ڪري پيو ۽ نوڪر کان پڇيائين ته، ڪرئين تون ڪين مان؟

نوڪر:- سائين اوهان ڪريا آهيو.

شرابي روئڻ لڳو ته، هاءِ هاءِ، منهنجا ته هڏ گڏ ڀڳي پيا هوندا.

١٨. ڪن شرابين شراب پي، پيڙيءَ جو سير ڪرڻ

٢٦. هڪ ماڻهوءَ ڪنهن ڪنجوس کان منڊي گهري ته وهانءُ تي پائي ويندس ۽ آڱر ۾ منڊي ڏسي توکي ياد ڪندو رهندس.

ڪنجوس:- جڏهن پنهنجي آڱر خالي ڏسندين، تڏهن مونکي ڏاڍو ياد ڪندين ته فلاڻي کان منڊي گهريم، پر نه ڏنائين.

٢٧. ٻن چورن کي وڙهندو ڏسي، پوليس ڪين حوالات ۾ بند ڪيو. انهن مان هڪ چٽو ڪوڙ ڪرڻ لڳو ته اٿي چيس ته معاف ڪر، ته ته هتان ٻـ، نه ڪڍي ڇڏين.

٢٨. هڪ پيري ڪـي ڪجهه ڳولهيندو ڏسي، هڪ مسخري چيس ته چاچا، ڇا ٿو ڳولهين؟

پيري چيو، ابا، جواني ٿو ڳولهيان.

مسخرو:- چاچا، ڇو ٿو ڪوڙ ڳالهائين. ائين لاءِ چئين ته پنهنجي قبر لاءِ جڳهه ٿو ڳولهيان.

٢٩. هڪ روئو ٿي، ٻيو رنو ٿي، ٽئون غمگين ويٺو هو. ڪارڻ؟ پهرئين جـي زال موئي وئي هئي ته روئو ٿي. ٻئي جي تازو شادي ٿـي هئي ته رنو ٿي. ٽئين جي غمگينيءَ جو ڪارڻ هو ته شادي ڪريان يا نه.

٣٠. هڪ ڳوٺاڻي عينڪ جـي دوڪان تي وڃي چيو ته پڙهڻ جي عينڪ کپي.

ڪاٺو:- اڙي بي عقل، مان هڪ اک سان ڏسندس

٢٢. هڪ ڪاٺو، سڄي کي چوڻ لڳو: مان تو ڪا
وڌيڪ ڏسي سگهان ٿو ۽ شرط رکي ڪٿي وٺو.
ڪاٺو:- (سڄي کي) ڏس، تون ته اکين سان منهنجي
هڪ اک ڏسي سگهين ٿو. پر مان هڪ اک سان
تنهنجون ٻئي اکيون ڏسي سگهان ٿو.

٢٣. هڪ ماڻهوءَ کي ترڻ جو اچي شوق ٿيو ۽ پاڻيءَ
جي تلاءَ ۾ ڏاڍا هٿ پير هڻيائين ۽ ٿڪجي پيو.
ٻاهر نڪري چوڻ لڳو ته جيستائين ترڻ ۾ هوشيار
نه ٿيندس، تيستائين پاڻيءَ ۾ نه گهڙندس.

٢٤. (هڪ دوست ٻئي کي) پيارا، تو ننڍي قد واريءَ
سان شادي ڇو ڪئي؟
ٻيو دوست: پيارا، مصيبت جيتري ننڍي، اوتري
چڱي.

٢٥. هڪ جوتشي چوڻ لڳو ته، گذريل ۽ ايندڙ وقت
جون ڳالهيون ٻڌائي سگهان ٿو. هڪ ماڻهو کيس
گهر وٺي ويو ۽ ڪوٺيءَ ۾ پوري، خوب مار
ڏنائينس. چي، تو مون سان ڪوڙ ڇو ڳالهايو؟
جوتشي: مان توسان ڪوبه ڪوڙ ڪونه ڳالهايو آهي.
ماڻهو:- اڙي بيوقوف، تو ڪين چيو ته مان ايندڙ
وقت جون ڳالهيون ٻڌائي سگهان ٿو. ٻڌاءِ، توکي
منهنجي مار جي خبر هئي.

پيٽي؟ ڪيرٽي هارڻ لڳا ته. شاگرد به اچي گهر
پهتو. ماءُ کي ڪيرٽي هاريندو ڏسي، رڙ ڪري
چيائين ته امان، اها ڪيرٽي ڏي ته مان ملان کي
ڏيئي اچان. هوءَ روزانو ڪيرٽي گهرندو آهي، ڏاڍو
خوش ٿيندو. سو هڪ پيالي ۾ ڪيرٽي وجهي
اچي ملان کي ڏنائين. ملان ڪيرٽي ڏسي ڏاڍو
خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته واهه جو ڪيرٽي ٺهي
آهي.

شاگرد چيو :- سائين سموري ڪيرٽي ته ڪتو پي
ويو. باقي اهو پيالو ڪُن بچايائين. اڳتي ڪتي
يا ٻليءَ جيڪي جهوٽو ڪيو، اهو توهان لاءِ ڪٽي
آيندس.

٣٣. هڪ ڏاهريءَ جي زال ڪيرٽي ٺاهي، سو پيل ۾
پٽ کي ڏنائين وڏي ڪٽوري ۾ ۽ مڙس کي
ڏنائين ننڍي ڪٽوري ۾. سو مڙسهندس کي اچي
ڪاوڙ لڳي ۽ خار ۾ اچي زال کي چوڻ لڳو ته
چوڙي! تون زال منهنجي ڪين هن ڇوري جي.
ته پٽهندس کي به لڳا خار، سو چوڻ لڳس ته تون
ماءُ منهنجي، ڪين هن پوڙهي جي.

لڳي جو مائيءَ کي ڪاوڙ، سا به چوڻ لڳي ته پٽ
منهنجو هيءُ ڪين تون. هو چوي زال منهنجي،
هو چوي ماءُ منهنجي. هوءَ چوي پٽ منهنجو.

دڪاندار عينڪون ڏيکاري ڏيکاري ٿڪجي پيو.
پر هي پڙهي سگهي ئي ڪين. دڪاندار بيزار ٿي
پڇيو، اڙي تون پڙهيل آهين؟
ڳوٺاڻو:- پڙهيل هجان ها ته پڙهڻ جي عينڪ ڇو
وٺڻ اچان ها.

٣١. هڪ دفعي اڪبر بادشاهه ڪنهن مسخري تي
اچي ڪاوڙيو ۽ حڪم ڪيائين ته، هن جو ڪارو
منهن ڪري، هڪ گڏهه تي چاڙهي، سارو شهر
گهمايو وڃي.
حڪم ٻڌي مسخرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نچڻ لڳو.
بادشاهه پڇيو:- اڙي، اهو ڇا آهي، نچين ڇو ٿو؟
مسخرو:- سائين، ڪارو منهن مفت، گڏهه جي
سواري مفت، شهر جو سير مفت، ۽ سپاهي
سيوا ۾ مفت، منهنجي سڄي شهر ۾ ناموس مفت
۽ منهنجي وئي ڇو.

٣٢. هڪ ملان جي ڪڪڙ کائڻ تي اچي دل ٿي،
سو روزانو شاگردن کي چوندو هو ته ڪنهن گهر
۾ ڪڪڙ ناهيو ته موڪلي ته وسارجو.
هڪ ڏينهن هڪ شاگرد جي گهر ۾ ڪڪڙ ڏٺي.
اوچتو ڪتو اچي ڪڪڙ پٺي ويو. باقي هڪ
بيمار جهڙي ڪڪڙ بچي ته، ڪتي کي هڪالي
ڪيائون. هاڻي ڪتي جي جوٺي ڪڪڙ کڻ

٣٧. هڪڙا ٻه دوست پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا وڃي رهيا هئا ته هڪڙو ٽيون آدمي اچي ٻنهي جي وچ ۾ لانگهائو ٿيو.

ٻيو دوست ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳس ته بيوقوف آهين، گڏهه آهين.

ٽيون چوڻ لڳن ته ادا ٻنهي جي وچ ۾ آهيان.

٣٨. هڪ ماڻهو ماءُ جي تعريف ڪندي زال کي چوندو هو ته منهنجي ماءُ هيئن هئي، هوئن هئي، مون کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي وغيره.

جوڻس ٻه روز روز ٻڌي اچي تنگ ٿي. سو هڪ ڏينهن مڙس کي ڪن کان جهلي چماٽ ٺڪاءُ ڪري چوڻ لڳي ته ماڻهين هيئن به ته ڪندي هئي.

٣٩. ماستر پڇيو، سڀ کان وڏيڪ سست ڪير آهي؟

هڪ ڇوڪرو: سائين توهان، جو سمورو وقت چپ ڪري ويٺا آهيو. ڪو به ڪم نٿا ڪريو.

٤٠. ماستر (ڇوڪرن کي) سڀاڻي سستيءَ تي مضمون لکي اچجو.

هڪ ڇوڪري خالي ڪاپي اچي ميز تي رکي. مٿان لکيل هو سستيءَ جو زنده مثال.

٤١. هڪ مهاتما رامائڻ جي ڪٿا ڪندو هو. جڏهن سمورو رامائڻ پورو ٿيو، تڏهن ٻڌندڙ پڇيو سوامي،

۳۴. هڪ ماڻهوءَ پنهنجي زال سائيڪل تي وڪڻي ڇڏي.

ٻيو ماڻهو پنهنجي زال کي ٻڌائڻ لڳو ته، فلاڻي ماڻهوءَ پنهنجي زال سائيڪل تي وڪڻي ڇڏي. جوڻس چيس ته، مٿان تون اهڙو ڪم ڪرين. مڙسهنس چوڻ لڳو: مان اهڙو بيوقوف ٿورو ئي آهيان، مان موٽر سائيڪل ڪانسواءِ ڳالهايانس به نه.

۳۵. هڪ ماڻهوءَ جي واچ ڪم نه ٿي وئي، سو ڳولهڻ لڳو. ڪنهن لنگهندڙ پڇيس ته، ڇا ٿو ڳولهين؟
ماڻهو: ادا واچ ٿو ڳولهيان.
لنگهندڙ پڇيس ته واچ ڇالو هئي، هلي پيئي؟
ماڻهوءَ جواب ڏنس ته هاڻي هلي پيئي.
لنگهندڙ چيس ته ڪيڏانهن هلي وئي هوندي، گهمي ڦري پاڻهي ايندي.

۳۶. هڪ مائيءَ جي ڪٽي منڊي ڪري پيئي، سو ڳولهڻ لڳي.
ڪنهن پڇيس، ڇا پيئي ڳولهين؟
اَدا ڪٽي اولهه ۾ منڊي ڪري پيئي آهي.
ان چيس ته ڳولهه ۾ آئي نه، هت ڪيئن لبندي.
ڇائين ته ادا، سوجهرو ته هتي آهي. لاٽين پيئي ٻري. اولهه ۾ ٿورو ئي لبندي.

ڏاڍو سٺو آهي، جنهن توهان کي لذت ڏي
وهاريو آهي.
اڪبر کي ڪل اچي وئي ۽ انعام ڏنائينس.

٤٤. هڪ مائيءَ اڪيلا پنهنجي پٽ تان ڦلڪو گهوري
فقير کي ڏنو.
فقير مائيءَ کي چيو، اڳ وڃو ۽ گهر جي سڀني
ڀاتين تان گهوري پاڻ کائي ڇڏ.

٤٥. هڪ جٽ اچي اُٺ تي ڪاوڙيو ۽ جوش ۾ اچي
چيائين ته قرآن جو قسم آ، توکي هڪ پائيءَ ۾
وڪڻي ڇڏيندس. پر جڏهن جوش لٿس تڏهن روئڻ
لڳو ته هاڻي قرآن جو قسم ڪيئون اٿم. سو اُٺ ته
هڪ پائيءَ ۾ وڪڻو ٿي پوندو. آخر هڪ اٽڪل
سمجهه ۾ آيس. سو هڪڙي ٻلي ڦاسائي، اُٺ جي
ڳچيءَ ۾ ٻڌائين ۽ ڪاهي آيو بازار ۾ وڪڻڻ ۽
هوڪا ڏيڻ لڳو. هڪ پائيءَ ۾ اُٺ ۽ هڪ سؤ رپيا
۾ ٻلي. جيڪو ٻئي وٺندو، اُن کي ڏيندس. اهڙي
حساب سان قسم جي پورائي ڪري، اُٺ جا پئسا
وصول ڪيائين.

٤٦. هڪ ٻيو، ڊاڪٽر وٽ ويو ۽ چيائينس ته چيلهه
۾ سور آهي، دوا ڏي.
ڊاڪٽر هو سياڻو ۽ سچيار. تنهن چيس ته ڪاڪا،
ٻڍاپو آهي، چيلهه ۾ سور پوندو آهي.

اهو ته ٻڌايو ته ٻاٻي رام هو، ڪين راوڻ.
مهاتما چيو آبا، ٻاٻي مان آهيان، جو توهان کي راماڻ ٻڌايو اٿم.

٤٢. هڪ اسڪول ۾ انسپيڪشن آفيسر، ڇوڪرن کان پڇيو ته توهان راماڻ پڙهيو آهي؟
سڀني ڇوڪرن چيو هائو سائين.
آفيسر هڪ ڇوڪري کان سوال پڇيو ته، شوءَ ڀڳوان جو ڌنش ڪنهن ڀڳو؟
ڇوڪري چيو سائين، مان ڪونه ڀڳو. اهڙيءَ طرح سڀني ڇوڪرن کان پڇيائين. هر ڪو چوي مان ڪونه ڀڳو. آخر آفيسر خار مان ماستر کان پڇيو. جنهن چيو ته سائين، هي ويچارا ڪوڙ ٿوروئي ڳالهائيندا. ٻئي ڪنهن ڀڳو هوندو.
آفيسر، خار مان وڃي هيڊ ماستر کي ٻڌايو ته، راماڻ پڙهيا آهن ته اهو به نٿا ٻڌائي سگهن ته، شوءَ ڌنش ڪنهن ڀڳو.
هيڊ ماستر:- سائين ڇڏيو اهڙيءَ ڳالهه کي، ڌنش ڀڳو ته ٻيو گهرائي رکنداسين.

٤٣. اڪبر بادشاهه هڪ دفعي سڀا ۾ چيو ته، موت ڪيڏو بي رحم آهي جو منهنجي پيءُ ڏاڏي کي به نه ڇڏيائين.
سڀا ۾ بيربل ويٺو هو. تنهن چيو سائين، موت ته

ٻيربل کي گهرائي پنهنجو مطلب ٻڌائڻ لڳو. جڏهن ڪاڪوس طرف وٺي ويس ته ڪاڪوس ۾ اڪبر بادشاهه جو فوٽو ٽنگيل ڏسي ٻيربل چيو: بادشاهه سلامت، وڏن وڏن بادشاهن کي اڪبر جو فوٽو ڏسي، دپ کان ڪاڪوس اچي ويندو آهي. توهان جي ته ڳالهه ئي نرالي آهي.

٥٠. هڪ چاچي پنهنجي ڀاڻن کي کارائي پيئاري، پنهنجي لاءِ ترادو مال چلهي ۾ لڪائي رکندي هئي ۽ ڏيڙاٽيءَ جي ٻارن کي ٿورو سورو ڏيئي روانو ڪندي هئي. ٻار هئا سشيل، سو چاچيءَ کي چوندا هئا چاچي، تون ته کاءُ.

چاچي چوندي هئين، چاچي پئي چلهي ۾، توهين ته کائو.

هڪ ڏينهن ڏيڙاٽيءَ جي ٻارن، چاچيءَ کي چلهي ۾ روٽي لڪائيندو ڏسي ورتو ۽ اهو مال ڪڍي ٻارن کائي ڇڏيو.

چاچي ٻه روز جي نيم موجب ٻارن کي ٿورو گهڻو ڏيڻ لڳي ته ٻارن چيس ته، چاچي، تون ته کاءُ.

چاچيءَ چيو: چاچي پئي چلهي ۾، توهين ته کائو.

ٻارن چيس، چاچي، چلهي جي آسري نه لڳجانءِ.

ٻيو :- سينڌي لڳن ۾ سور آهي.
ڊاڪٽر :- ڪاڪا، ٻيائي ۾ ائين ٿيندو آهي.
ٻيو :- مٿو به ٿو ڦري.
ڊاڪٽر :- ڪاڪا، اهو به ٻيائي ۾ ٿيندو آهي.
ٻيي کي لڳا خار، سوڻي به ٿي گاريون ڏنائينس.
ڊاڪٽر :- اڙي ڪاڪا، اهو به ٻيائي ۾ ٿيندو آهي.
ماڻهو اچي ڪل ۾ چڙهيا.

٤٧. هڪ مسخرو فوٽو گرافر وٽ ويو. چيائينس ته فوٽو گهڻي ڪيندين؟
فوٽوگرافر :- پهرين ڪاپي پنج رپيا ۽ ٻي ڪاپي ٻه رپيا.
مسخرو :- ته چڱو، مونکي ٻي ڪاپي ڪڍ.

٤٨. هڪ رياست جي جج وٽ هڪ ڪيس آيو. هڪ سيٺ ڪنهن غريب کي مار ڏني هئي. جج سيٺ کي ڏوهاري ٺهرائڻ وارو هو. فتوي ڪان به ڏيڻ اڳ، سيٺ جج کي لک رپين جي آڇ ڪئي. پر جج نه ورتا.
سيٺ چيس : صاحب، مون جهڙو سيٺ وري نه ملندءِ.
جج چيس آيا، مون جهڙو جج به وري نه ملندءِ.

٤٩. هڪڙي بادشاه کي اچي شوق ٿيو ته بيربل کي گهرائي ان جي عقل جي پرکيا ڪريان. سو

ٻوڙهي سمجهيو ته ڇوڪرو سنڌ واهه ۾ ٿي رهجي
ويو آهي. سو ڀڄو واپس سنڌ واهه ڏي. اتي پهچي
سڏ ڪرڻ لڳو ته شيوڪ، او شيوڪ. ماڻهو اچي
مڙيا. ماڻهن پڇيس ته ڪاڪا، هي ڪلهي ٿي ڪير
اٿيئي؟ ڪاڪي جا ته نشا ٿي لهي ويا. سو چوڻ
لڳو: ڇورا ٻاپڙا، ڇوڻ ۾ نٿو ته مان ڪلهي ٿي
ٽنگيو پيو آهيان. ڪٿان موٽايو اٿيئي.

٥٥. هڪ مزور ڪم تي ڏهر سان پهتو ۽ سوير ٿي
ڪم تان لهي گهر وڃڻ لڳو.

مالڪ: آئين ته ڏهر سان، وڃين ٿو سوير ٿي ٿو.

مزدور: سائين، ائين ڪري ٿي ته سوير ٿو وڃان،
جيئن ٻه دفعا ڏهر جي حاضري نه پوي. هڪ ته
آئيس ڏهر سان، ٻيو وڃان ٿو ڏهر سان، ته توهان
ته ٻه دفع ڏهر جي حاضري ڀريندا ته.

٥٦. هڪ سيٺ دل ۾ اهو شرط ڪيو ته ڌيءُ انهيءَ
سان پرڻائيندس، جنهن کي لک روپيا پڃڻا
هوندا. پر ڇوڪريءَ جو پيار هو هڪ سهڻي غريب
نوجوان سان. سو انڪل ڪري وڃي لک روپين
جو وهمو ڀرائين ۽ وڃي ان سيٺ جي موٽر ڪار
اڳيان سمهي پيو.

سيٺ پڇيس ته هي ڇا ٿو ڪرين؟

نوجوان:- سائين، توهان موٽر هلايو ته مونکي لک،

اڄ اُهيءَ ڇلهي ۾ اسان پيا آهيون.

٥١. ماستر: (ڇوڪري کي) اڙي، تاريخ ياد ٿئي اٿيئي.
ڇوڪرو: سائين، ڪالهه ڇا کاڌو آهي، سو ته ياد ٿيو اٿم. باقي هي هزارن ورهين جون ڳالهيون ڪير ٿو ياد ڪري.

٥٢. هڪ ماڻهوءَ جي زال گذاري ويئي. ڪيس ٢-٣ ٻار هئا. اُهيءَ ماڻهوءَ ٻي شادي ڪئي ته سندس ٻار، ٻيءَ لانئينءَ آيل ماءُ کي اما ڪري سڏڻ لڳا. سو زال پنهنجي مرد کي دانهن ڏيڻ لڳي ته، تنهنجا ٻار مون کي اما ڪري سڏين ٿا. مرد کي لڳي ڪاوڙ، سو چوڻ لڳو ته هنن جو پيءُ به توکي اما ڪري سڏيندو. هي حرامزادا ڪير ٿيندا آهن.

٥٣. هڪ ٻوڙو ٻوڙهو ويو مجلس ۾ کائڻ. سو اُن کي کڙهي ورهائڻ واري چيس: ڪاڪا، کڙهي ڏيانءِ. ڪاڪو ڪن تي هٿ رکي چوڻ لڳو: ڇا ٿو چوين؟ کڙهيءَ واري سمجهيو ته چوي ٿو ته ڪن ۾ کڙهي وجهه. سو هڪ ڪوڙي ڀري کڙهي ڪن ۾ وڌس.

٥٤. شڪارپور ۾ هڪ ٻوڙهو پيءُ، سنڌ واهه تان پٽ کي ڪلهي تي چاڙهي اچي لنگهيو ته لنگهي پهتو ۽ لڳو ڇوڪري کي سڌ ڪرڻ. ڇوڪري کي اچي وئي هٿي لڳي، سو سڌ ڏئي ٿي ڪو ..

٦٢. هڪ مالڪ (نوڪر) کي :- تون ڪهڙو ڪم ڪندين؟
نوڪر :- سائين، مان سويرو وقت ويٺو سگريٽ
ڇڪيندس. جنهن ڪري مکيون ۽ مڇر، ڊولهين
تي پهچي ويندا.

٦٣. هڪ ملان چوڻ لڳو ته مان خدا جو فرشتو آهيان.
جيئن چاهيان، تيئن ڪري سگهان ٿو.
هڪ ڪاڻي مائيءَ چيس ته ڀلا منهنجي اک ته ٺاهه.
ملان چيو ته، اک ٺاهڻ وارو منهنجو ڀاءُ آهي.
باقي مان ڊاهڻ وارو آهيان. چوءِ ته ٻي اک به
ڪڍي ڪاڻيءَ مان راڻي ڪري ڇڏيانءِ.

٦٤. هڪ واڻيو ويو هردوار. گنگا تي اشنان ڪندي
هڪ ڦڙو جل مان آڱر ٻوڙي، ٽلڪ ڏئي چوڻ
لڳس ته، براهمڻ وچن پروان، هي ٽلڪ ڪنگو
چندن ڪري ڄاڻ.
واڻيو ته هيو ڪو چرچائي، تنهن هڪ ڏيڏري
قاسائي براهمڻ کي ڏيندي چيو: واڻش وچن
پروان، هيءَ ڏيڏري ڪپلا ڳئون ڪري ڄاڻ.
پر براهمڻ به هو ڪو مڇڏو، سو چوڻ لڳس: ٻچا،
گنگا تي اچجي ته ڪجهه ليائي ڪجي. ڪجهه نه
ڪجهه ڇڏي وڃجي.
واڻيو چوڻ لڳو ته مان هردوار اچڻ ئي ڇڏي
ٿو ڏيان.

وڃيا ملندا ۽ توهانجو شرط پورو ڪندس. سيٺ کي
ڪل اچي وئي ۽ پنهنجي ڌيءَ ساڻس پرڻائين.

٥٧. هڪ مسواڙيءَ جڳهه جي مالڪ کان پڇيو ته ماڻهو
چون ٿا ته توهان جي جڳهه ۾ جن آهن.

مالڪ:- برابر آهي. اهو جن تڏهن جاڳندو آهي،
جڏهن ڪوئي مسواڙ نه ڏيندو آهي.

٥٨. لنڊن ۾ هڪ ٽانگي واري پنهنجي گاڏيءَ ۾
ٻلي مئل ڏٺي، سو رستي تي بيٺل هڪ پوليس
واري کي دانهن ڏنائين.

پوليس وارو:- هل پوليس چوڪيءَ تي، ٻلي کڻي
آڻي رک. ٽن ڏينهن تائين ٻليءَ جو ڪو مالڪ نه
جاڳيو ته ٻلي تنهنجي حوالي ڪبي.

٥٩. پٽ:- بابا، مونکي ڍول وٺي ڏيو.

پيءُ:- نه پٽ، آرام ۾ خلل پوندو.

پٽ:- نه بابا، جڏهن توهان سمهندا، تڏهن
مان وڄائيندس.

٦٠. هڪ دوست:- يار، مونکي ته، کير هضم ئي نٿو
ٿئي.

ٻيو دوست:- کير پي، مٿان مسڪو کائي ڇڏيندو ڪر.

٦١. هڪ سيٺ قرضدار کي چيو ته ٻڌاءِ، پئسا ڪڏهن
ڏيندين؟

قرضدار:- مان نجومي ڪونه آهيان.

٦٨. هڪ شاهوڪار ڪنهن غريب کي ٻـي ڳـلهه
چماٽ هڻي.
غريب وڃي قاضيءَ کي دانهن ڏني.
قاضيءَ سيٺ کـــي گهرائي ڏوهه ٻاسايو ۽ سيٺ
تي اٺ آنا ڏنڊ رکيو.
سيٺ کيسي مـان هڪ رپيو ڪڍي، هڪ چماٽ
قاضيءَ کي هڻي چيو تـه اٺ آنـا ڪليل ڪوا‍ـــ،
آهن، تنهن ڪري رپيو ٻئي ورهائي کڻو.
٦٩. هڪ ڏينهن سيٺ کي پنهنجي ڳانءِ لت هڻي.
سيٺ کي لـڳي خار، سو اها ڳـانءِ وڪڻي، ٻـي
سٺي ڳانءِ ورتي آيو.
هڪڙي ڏينهن سيٺ گهر ۾ جهيڙو ڪندي پنهنجي
زال کي مار ڏني، سو مائي لـڳي روئڻ تـه ٻـارن
چيس اما، اهو ٻاپو وڪڻي ٻيو سٺو ٻاپو لـه ڏسي
وٺون. ٻاپي کـي ڳانءِ لت هڻي تـــه ٻاپو ڪيئن
اها ڳانءِ وڪڻي ٻي سٺي ڳانءِ وٺي آيو.
٧٠. هڪ هوٽل ۾ رسوئي کائيندي، گراهڪ جـي دال
مان مک نـڪتي. گراهڪ شڪايـت ڪندي چيو
ته دال ۾ مک پيئي آهي.
مالڪ چيس :- آئي جي دال ۾ مک نه پونـدي ته
ڇا هاٿي گهوڙو پوندو.
٧١. هڪڙي هاٿيءَ تي هڪڙو ٽلهو ماڻهو پيئي وڃـــو

٦٥. هڪ فقير چيو ته اڄ پنڌ مان پنج رپيا مليا ته
هڪ رپيو خدا جي نالي تي خيرات ڪندس.
پر ڪيس مليا ٿي چار روپيا. سو چوڻ لڳو، خدا
ڪهڙو نه ٻي پتيو آهي، جو روپيو اڳم ئي ڪٽي
رکيو اٿس. مان ڄڻ ڀڄي وڃان ها.

٦٦. هڪ دفعي وڏاهو فقير جهنگل ۾ پئي قراو ته
پوليس نه ڪنهن چور جو پيرو کڻندي آئي اچي
ٻهتي ۽ واڻئي کان پڇيائون ته هتان ڪو چور
لنگهيو؟
واڻئي چيو ته مان چور ڪونه ڏٺو. باقي چور
جو گهر ڏٺل آهي.
پوليس چيو :- هل، هلي گهر ڏيکار.
واڻي پوليس وارن کي وٺي اچي هڪ مقام ۾
بيهاريو ۽ چيائين ته هي سندس گهر آهي. توهين
هت ويهو، هو ضرور هت ايندو.

٦٧. هڪ ڏوهاري جج جي فيصلي تي ناراض ٿيو ته
جج چيس ته پلي وڃي اپيل ڪر.
ڏوهيءَ چيو :- اُتي ته توهانجا مائٽ ويٺا آهن.
اُتي منهنجي ڪهڙي دال ڳرندي.
جج چيس :- وڃي دوزخ ۾ پؤ.
ڏوهيءَ چيس :- اُتي ته منهنجو پيءُ ويٺو آهي.
هو وري منهنجي ڇا ٻڌندو.

پُٽس ٿڪاءُ ڪيس چيائين. ڇورا اڄ ۾ پاڻي پيئڻ،
باقي ڪائيندان ڇا؟
جڏهن ڪاڻي ٻاهر نڪتا ته ڇوڪري چيو بابا، اڄ
۾ پاڻي پيئڻ سان ڪاڏو هيٺ لهندو آهي. ڪتاب
۾ ائين لکيل آهي.
پُٽس وري ٿڪاءُ ڏيس ٻي چيائين. ڇورا، پوءِ
اِئي ته پئي پڌائيءَ.

٧٦. هڪ چور گهوڙو چورائي آيو. سو وڃي منڊيءَ ۾
وڪڻڻ. سو پڇڻ سوڙ ۾ سوڍو ٿيو. وٽڻ وارو به
ڪو چور هو. سو چيائين ته چڙهي چڪر ڏيئي
اچان؟
ٻهراڻ چور چيو:- ڀلي ابا، گهمي ڏس.
ٻيو چور، ٻه ٽي چڪر وڏا وڏا ڏياري،
وشواس ڄمائي، هڪ ڀيري چڪر ڏيارڻ لاءِ ڪاهي
وڃي نظر کان غائب ٿي گهوڙو ڪاهي هليو ويو.
چور ٻه راهه ڏسي ٿڪجي پيو، سو دل ۾
چيائين ته گهوڙو ته ويو. ائين چئي واپس گهر ڏانهن
موٽيو.
ماڻهن پڇيس، گهوڙو گهٽي وڪڻي آئين؟
چور چيو: ابا، جيتري خريد ڪيو هوم،
اوتري وڪڻي آيس. باقي هي لغام نفعي ۾
بچيو آهي.

۽ ٻار اچي مڙيا.

هاٿيءَ واري چيو : ڇا، توهان هاٿي کان ڊنو آهي؟

ٻارن چيو:- هاٿي نه ڊنو آهي، پر هاٿيءَ ته هاٿي کان ڊنو آهي.

٧٢. هڪڙي ٻروچ شادي ڪئي. ٽن مهينن کان پوءِ پٽ ڄائس ته نالو رکيائينس شيطان.

ماڻهن چيس : پٽ جو نالو ڇو شيطان رکيو آهي؟

ٻروچ چيو: ٽون مهينن جو پٽ، ٽن مهينن ۾ ڪري آيو آهي ته ڇا شيطان نه رکانس ته فرشتو رکانس.

٧٣. مُلا جي پٽڙي، ست ورهين جي عمر ۾ سورهن ورهين جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. سهرهنس پارت ڪيس ته هر قسم جي نظر رکجانس.

ناڻهنس چيس: توهان ڪو خيال نه ڪريو. جهڙي توهان جي ليٽي، تهڙي مهنجي ليٽي. مان گهٽ ٽوروٽي گهرالدو سانس.

٧٤. ملان کي پيٽ ۾ اچي سور پيو.

ڊاڪٽر چيس :- گوري ٽو ڏيانءِ، اها کاءِ.

ملان چيو : پيٽ ۾ گوريءَ جي جاءِ هجي ها ته گلاب جمون هڪ وڏيڪ نه کاوان ها.

٧٥. ٻيءَ پٽ وڃا شاديءَ ڏي مجلس کانپوءِ. مال هٿا سٺا سٺا، سو ڇوڪري اڌ ۾ ڇاٽي پيئو.

نه، اصل ڇٽي ڪٽي چپ ڪر. هڪڙي دڪان
تي پهتو هو. مان آئي سوڏو وٺڻ واس ته مون
ڏي گوري گهوري پيو نهاري.
دڪاندار پڇيس ته ڇاهي؟
پٺاڻ :- هن مائيءَ کـــي مان ڪٽي ڏنو آهي.
ادهون ڪهڙا ٿيون سوُر پيو.

٨٠. چار ماڻهون کوهه تي پاڻي ڀريندي ڳالهيون ڪرڻ
لڳيون. چون ٿيون ته اسان مان وڏي ڪير آهي؟
پهرين چوڻ لڳي: جڏهن ٽني ۾ ٿاهه ٿيو، اڏيو
تي ملتان، تڏهن سٺ پٺن سال، مان ملاحن سان
مٽي ڍوئي.
ٻي چوڻ لڳي :- سڄ چنڊ تارا ڪونه هئا، هيو
اونده اندارو. تڏهن ڪو ڪـو وار ڪارو هيو،
منهنجي مٿي ۾.
ٽين چوڻ لڳي :- ڌرتيءَ ڌرتي پيدا ڪئي. ڏٻي
ڏاند ڌري. تڏهن مونکي ڪالهه ڪري، ڪراڙي
جاڻي ڪيڏي چڙهيو.
چوٿين چوڻ لڳي: الله کان بـــه اڳ پيدا ٿيس
مان پاڻ، منهنجيءَ مرضيءَ سان اُپايو الله کي.
ٻڌايو ڪير وڏي؟

٨١. هڪ بازيگر بازي ڪندي ماڻهوءَ جي ڪوپري
ڏيکاريندي چيو: هيءَ اڪبر بادشاه جي ڪوپري

٧٧. رات جو پهرو ڏيندي پهريدار چوندو هو خبردار، هوشيار رهو.

ماڻهن پڇيس ته ائين ڇو چوندو آهين؟

پهريدار:- اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته،، ٻڌوني ٿي آهيان.

٧٨. ڇوڪرو:- (ماستر کي) سائين، اڄ مونکي ڀاءُ ڄمندو.

ماستر پڇيس:- ڪيئن؟

ڇوڪرو:- اما کي پيٽ ۾ سور پوندو آهي ته، ڀيڻ ڄمندي آهي. اڄ بابي کي پيٽ ۾ سور پيو آهي، سو ضرور ڀاءُ ڄمندو.

٧٩. ٻن زالن پاڻ ۾ ملي هڪ ٻئي کان حال احوال پڇيو.

هڪڙيءَ چيو: ادي، ڪهڙا ٿي حال پڇين. منهنجي مڙس کي وسر جو مرض ٿي پيو آهي. روٽي کائي اڃا جهٽ ٻاهر نڪري، ته وري اچي چوي روٽي ڏي. چوانس، اڃا هاڻي کائي وئين، قسم کڻون وڃين، چئي ڪڏهن کاڌم.

ٻيءَ چيو:- ادي شڪر ڪر. وري ته روٽي تو وساري اچي ٿي. منهنجو مڙس ته پار وساري ڇڏي. هڪ ڀيري منهنجو ڪن ٻاهر ويو. موٽي آيو ته چوي پيو ته هي ننڍو ڇوڪر ڪٿان آيو؟ ڪڏهن ڄڻيو- قسم ڀيئي کڻان، تڏهن به اعتبار نه اچيس.

ٽين چيو- ادي وري به شڪر ڪر. منهنجو مڙس

٨٥. هڪڙي ماڻهوءَ سپنو لڌو ته شادي ڪئي اٿم.
ٻار ڄاوا آهن، سو هڪ کٽ تي ماڻي ته ٻيا سگهون.
سو سرندي وڃي همت ڪرايو. چوڻ
لڳو: سپني جي شاديءَ هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيا آهن.
جي سچ پچ شادي ڪريان ته الائي ڇا ٿيندو.

٨٦. هڪ ماڻهوءَ انب جي وڻ ۾ ننڍا انب ۽ هنداڻي
جي وَل ۾ وڏا وڏا هنداڻا ڏسي چيو ته خدا
کهڙو نه چريو آهي. هڪ ڏينهن انب جي وڻ
هيٺان سمهيو پيو هو ته هوا لڳي هڪ انب ڪري
اچي نڪ تي لڳس ۽ رت وهڻ لڳس. اٿڻ چوڻ
لڳو: خدا کهڙو نه ڏاهو آهي. جي هن انب جي وڻ
۾ هنداڻا هجن ها ۽ منهنجي نڪ تي هنداڻو
اچي ڪري ها ته منهنجو کهڙو حال ٿئي ها.
خدا، تون ڏاڍو سياڻو آهين.

٨٧. هڪ ڪاري ماڻهوءَ فوٽو ڪڍايو. فوٽو نڪتو
ڪارو. سو هي فوٽي گرافر کي پئسا ٿي نه ڏي.
چوي، جهڙيون ٻين جون ڪاپيون ڪڍيون اٿيئي،
منهنجي به اهڙي ڪڍ ته پئسا ڏيانءِ.
فوٽو گرافر چيس: تون خيال نه ڪر، مان هن فوٽي
۾ پچ ڏيندي پئسا وصول ڪندس.

٨٨. هڪ ليڊي فوٽو ڪڍائڻ آئي. چي منهنجي منهن
کي ننڍو ڪري ڪڍ. سو لڳي منهن کي سسائڻ.

آهي.
مڙس ماڻهن هڪڙي چيو: تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.
مان دهليءَ جي مقبري ۾ اڪبر جي کوپري ڏٺي
آهي، اها هن کان ننڍي آهي.
بازيگر: برابر، تون سچو آهين. اها کوپري اڪبر
بادشاهه جي ننڍپڻ جي آهي. هيءَ وڏي هوندي
جي آهي.

٨٢. ڌوٻيءَ ڪپڙا ڌوئيندي هڪڙي جي ڌوتي ۾ اڌ
ڪري ڇڏي.
مالڪ اچي ڪاوڙيو.
ڌوٻي: سائين، ڪاوڙ ڇو ٿا ڪريو. مان ڌلائي
ان جي ٿوروئي ٿو وٺان.

٨٣. هڪڙي ماڻهوءَ تي گهڻو قرض هو. ڪنهن پڇيس
ته رات جو ننڊ ايندي اٿئي؟
چيائين: ها، فرحتي. باقي لهڻيدارن کي نه
ايندي هوندي.

٨٤. جج: (مائيءَ کي) تنهنجي عمر گهڻي آهي؟
مائيءَ چيو: ٣٠ سال.
جج: اڄ کان پنج سال اڳ به، تنهنجي ڪيس ۾
عمر ٣٠ سال لکيل آهي.
مائي: مان هميشه هڪ ڳالهه ڪندي آهيان.
گهڻيون ڳالهيون ڪرڻ، مان نه ڄاڻان.

گهر جي ٻتي وسائڻ.
جوٽس چيس: جتي گهٽي گسائي هوندءِ.
چيائين: اها مان هٿ ۾ کڻي آيو آهيان.
٩٤. هڪ مريض ڀل ۾ دوا بدران مس پي ويو.
ڊاڪٽر چيس: مستو ڪائي ڇڏ. ڀاٽهي اهو مس پي ويندو.
٩٥. هڪڙي ڏينهن هڪ گڏهه مسجد ۾ لنگهي ويو. ملان ٻه ڏسي سوٽيون هڻي ڪڍي ڇڏيس. مالڪ آيو، سائين معاف ڪجو، ويچارو گڏهه آهي، ڏٺئين لنگهي آيو. نه ته اسان ڪڏهن توهان جي مسجد ۾ آيا آهيون.
٩٦. هڪڙي ملان ڪتاب ۾ پڙهيو ته سر ننڍو ۽ ڏاڙهي وڏي، ٻئي ڪمبختيءَ جون نشانيون آهن. سو اهي ٻئي ڳالهيون پاڻ ۾ ڏسي سوچڻ لڳو ته سر وڏو ڪرڻ منهنجي هٿ ۾ ناهي، باقي ڏاڙهي منهنجي هٿ ۾ آهي. سو ڪينچي نه هئڻ ڪري اڌ ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي، وچي ٻتيءَ تي رکيائين. سوئي سڄي ڏاڙهي جلي ويس.
٩٧. هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي پٽ کي وڪالت پڙهائي. ماڻهن چيس ته فلاڻا، پنهنجي پٽ کي وڪالت ڪيئن پڙهايئه.
هائو ابا، ننڍپڻ کان وٺي ڏاڍا ڪوڙ ڳالهائيندو

فوٽوگرافر چيس: چوان ٿو ته ٻيا مهين فوٽو ڪڍي ڏيانءِ.

٨٩. هڪ ماڻهو ڳوٺ کان آيو شهر ۾، ته هڪ واقف ماڻهو گڏيس. ان کي چيائين ته تنهنجي لاءِ اسان ٻڌو آهي ته تون گذاري ويو آهين.

اهو ٻڌي هو روئڻ لڳو ته هاءِ هاءِ، منهنجي زال ودوا ٿي پيئي هوندي.

٩٠. هڪ واچ ميڪر وٽ هڪ ڪاڻو ماڻهو نوڪريءَ واسطي آيو. چي توهان وٽ ته هونئن ئي هڪ اک بند ڪري ڪم ڪبو آهي. تنهن ڪري نوڪري ڏيو.

٩١. راجا ڪنهن فقير کان پڇيو: فقير سائين، الله ڇا ٿو ڪري؟

فقير چيو: سائين، راجا پٽ ٿي، فقير ڪٽ ٿي.

٩٢. هڪ ماڻهوءَ گهوڙي جي مالش واسطي نوڪر رکيو. سو نوڪر گهوڙو وڪڻي هڪ گڏھ خريد ڪري آيو. مالڪ پڇيس: هيءَ گهوڙي مان گڏھ ڪيئن ٿيو؟ نوڪر:- سائين الله ڄاڻي. باقي اڄ مالش گهڻي ڪئي اٿمانس، سوئي گرم هٿن جي ڪري سسي ويو هوندو. سڀان کان وٺي مالش گهٽ ڪندو مانس.

٩٣. هڪ ڪنجوس مسلمان نماز جي اڌ مان اٿي آيو

ٻروچ ڇپائين ، وڇاري ٻيري ٻاري آهي. هڪ
ٻڍي جو ٻار ، ٻيو منهنجو ٻار ، وري گاهه ٻه ان
لاءِ رڪان ته ، وڇاري هلي ڪيئن سگهندي.
اهڙيءَ ڪري گاهه مان ٻاڙ ڪڍي ته هلان.

١٠٢. ٻيءُ (پٽ کي) :- ڳالهائي ڳالهائي وات ته سي
تڪجي پيو آهي.
پٽ :- ٻاٻا، اما ڪان زور ڏياريو نه.

١٠٣. هڪ وڪيل پادريءَ کان پڇيو ته ، پادريءَ !
شيطان جو فيصلو، جي ڪورٽ ۾ وڃي ته ڪير
ڪندو؟
پادري :- شيطان.
وڪيل :- ڪيئن؟
پادري :- سڀ وڪيل ان جي پاسي هوندا.

١٠٤. هڪ ڏوهاريءَ، جج کي چيو ته اسين ڏوهه نه
ڪريون ته توهين ٻک مري وڃو.

١٠٥. ٻار (ماءُ کي) :- اما، ماستر سڄو ڏينهن پيو اسان
کان سوال پڇي ، پاڻ ڪي نه ڪجهه، اچيس
ئي نٿو.

١٠٦. هڪ مسخري ڪنهن مائيءَ جو ٻڪرو چورايو.
قاضيءَ چيس ته قيامت جي ڏينهن اهو ٻڪرو
توکي شاهدي ڏيندو.
مسخرو :- اوڏيءَ مهل ٻڪري ڪڍي واپس

هو. انهيءَ ڪري ڏنڊو ٻه اهڙو ڪرائڻو پيو.

٩٨. هڪڙي ٻروچ جي نڪ تي مک اچي ويٺي. گهڻو ئي ٻيٺي هڪليائينس، پر مک مڙئي ٿي. هو هو اچي ٻيٺي نڪ تي ويهي. لڳي جو ٻروچ کي خار، سو پنهنجو چاڪون ڪڍي نڪ تي ڪپي ڇڏيائين ۽ چيائينس ته، پڌاءِ ڪمبخت، هاڻي ڪاٿي ويهندين.

٩٩. ماءُ پٽ کي: پٽ، اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه رکجي. پٽ: چڱو اماں، اها سڀاڻي واري مٺائي اڄ ڏيئي ڇڏ ته کائي ڇڏيان.

١٠٠. هڪڙو انگريز آيو هندستان ۾ گهمڻ. دهليءَ ۾ وڏو قطب منار ڏسي چوڻ لڳو ته هيڏا وڏا ماڻهو هت ڪيئن ٿا ڄمن.

ٻيو- پٽ تي ڳانءِ جو چيٽو ڏسي چوڻ لڳو، ڀاو پٽ تي ڳانءِ ڪيئن چڙهندي!

ٽيون- ٻڪوڙي ۾ ٻٽاڻو ڏسي چوڻ لڳو: ٻٽاڻو ٻڪوڙي ۾ ڪيئن ويو، ڪٿان سوراخ به نه ڪونهيس؟ ڏاڍا عجيب ماڻهو آهن هندستان جا.

١٠١. هڪ ٻڪيءَ گهوڙيءَ جي مٿان، هڪ ٻروچ چڙهي، گاهه جي ڀاري پنهنجي مٿي تي رکي، هلڻ لڳو.

ماڻهن پڇيس: هي ڇا ٿو ڪرين؟

اُٻوجهه، ڪيئن چوان ته ڪٿي آهي.

١١٢. هڪ استري ٻنهي سورداس مڙس کي چوڻ لڳي ته ڏس، مان ڪهڙي نه سهڻي آهيان.

مڙس :- ٻرابر، الهي ڪري ته مون سان شادي ڪيئي.

١١. هڪ قيديءَ کي جيل ۾ ڏسي جيلر چيو: تو جهڙو نمازي قيد ۾!

قيدي :- هائو ابا، مسجد مان جتين چورائڻ جي ڏوهه ۾ ڦاٿو آهيان.

١١. هڪ ماڻهوءَ جي زال مري وئي، سو لڳو روئڻ. سوچڻ لڳو ته، جڏهن منهنجي ماءُ پيءُ مري ويون، تڏهن هرڪا ٻيئي چوي ته خيال نه ڪر، اسان تنهنجون ماءُ پيءُ ويٺيون آهيون، هاڻي ته ڪا به نٿي چوي ته مان تنهنجي زال ويٺي آهيان. سيني جا ٻوٿ بند آهن.

١١. هڪ مائيءَ ٻهاري پائي گند ٻاهر اڇليو، سو وڃي هڪ حاجيءَ تي پيو.

حاجي :- مائي، ماڻهو ته ماڻهو ڏسي گند اڇلائجي.

مائي :- توهان کان وڌيڪ ڪير هوندو.

١١. هڪ سورداس فقير جو مسجد ۾ ڪمبل چوري ٿي ويو، سو رڙيون ڪري چوڻ لڳو ته، اهو ڪم حاجيءَ کانسواءِ ٻيو ڪير ڪندو.

ڪندو مانس.

١٠٧. مالڪ (نوڪر کي) :- چار لڏون ڪيئن کاڌءِ؟
نوڪر :- سائين هيئن کاڌم، ائين چئي ٽڪي پنجون لڏون به وات ۾ وڌائين.

١٠٨. سيٺن جي گهر ۾ هڪ ٻڍي نوڪرياڻي هوندي هئي. روزن جي مهني ۾ اسر جو اٿي روزي رکڻ وارن سان گڏ اسر ڪندي هئي.
هڪ ڏينهن انهن ماڻهن پڇيس: ٻڍي، تون روزو رکين ته ڪونه ٿي، باقي اسر ڇا لاءِ ٿي ڪرين؟
ٻڍي :- هائو ابا، هڪ ته روزو نه رکان، ٻيو اسر به نه ڪريان. توهان جي مرضي آهي ته اڳو پوءِ دوزخ ۾ وڃان.

١٠٩. پيءُ (پٽ کي) :- پٽ، مان تو جيڏو هوس ته ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايم.
پٽ :- بابا، ڀلا توهان ڪڏهن کان ڪوڙ ڳالهائڻ شروع ڪيو؟

١١٠. هڪڙي بادشاهه ڪنهن فقير کي قبرستان ۾ ڏسي چيو ته ڪنهن وسندَ ۾ هلي ڇونٿو رهين؟
فقير :- بادشاهه سلامت، وسندَ وارا هت ڪونه ٿا اچن ڇا.

١١١. ماستر (شاگرد کي) :- اتر قطب ڪٿي آهي؟
شاگرد :- سائين، وڏا عالم پيا ڳولهين. مان

روبرو ويو، وچي چيائين ته اسان ٻل موڪليو آهي.
اخبار نويس :- تو ٻڌي جي ٻڌهي پاسي لکيو هوندو. الهيءَ ڪري ردي نوڪريءَ ۾ پيو هوندو. اهڙي ٻڌي کي اسان لهاربندا نه کين آهيون.

١٢٢. هڪ دفع راجا رائيتسنگهه وٽ هڪ فقير آيو. چوڻ لڳس ته راجن، اڄ نه کو ٻڪ ڀري گڏيون ڏيار. راجا ڪلي ويو. چيائينس منهن اهڙي گڏين جو؟ فقير چيو: برابر سائين، منهنجو منهن نه گڏين جو ڪولهي، پلا توهان جو منهن آهي نڪي نه ڏيڻ جو؟ توهان منهنجي منهن کي نه ڏسو پر ٻڌهنجي منهن کي ڏسي، گڏين جو ٻڪ ڀري ڏيو. راجا خوش ٿي ڪلي ويو ۽ فقير کي گڏين جو ٻڪ ڀري ڏياريائين.

١٢٣. هڪ دفعي اڪبر بادشاهه جي وڏي راڻي، جا مٿي ماڙيءَ تي وار سڪائي رهي هئي، ته هڪڙو ڪانءُ مٿانئس وٺ لاهي اڏامندو هليو ويو. راڻيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. سو اڪبر بادشاهه کي ڳالهه ڪري ڪانءَ کان بدلو وٺي ڏيڻ لاءِ چيائين.
اڪبر بادشاهه بيربل کي چيو ته ان ڪانءَ کي سخت سزا ڏئي وڃي، جنهن ڪانءَ راڻيءَ تي

١١٧. هڪ سيٺ جو گهوڙو چور ڪاهي ويو.

نوڪر چيو: سائين، رسي ڇڏي ويو آهي، سو اُهي رسي کڻڻ ضرور ايندو ته هڪدم پڪڙينداسانس.

مالڪ کي کل اچي وئي.

نوڪر چيو: سائين، منهنجي پگهار وڌايو. امڙ چوندي آهي ته، جڏهن مهل مالڪ کلي، تڏهن مهل چئجانس ته منهنجي پگهار وڌائيندو.

١١٨. هڪڙي برهمڻ ججمان کي چيو ته مان رات سپنو لڌو آهي ته منهنجي پيءُ کي نرڪ ۾ ڏٺو اٿن. ڪجهه پيءُ جي نمت ڌرم پنج ڪر.

ججمان :- مهراج، بابي جي عزت جيڪا لهڻي هئي، سا ته لهي وئي. باقي ڌرم پنج ڪهڙو ڪريان.

١١٩. هڪ ماڻهوءَ ڪنهن کان پڇيو ته فلاڻو تنهنجو ڇا ٿئي؟

چيائينس، تمام دور جي مائٽي آهي. يعني هن ۽ منهنجي وچ ۾ ٻيا پنج ڀائر آهن.

١٢٠. هڪ سردار کي سرڪاري لقب مليو. سو منشيءَ کي چيائين ته آئينده اسان کي وڏا سردار ڪري لکندو ڪر.

١٢١. هڪ دڪاندار، اخبار نويس کي رقم جو بل موڪليو. سو، ان جواب ڏنس، ته رقم ڏي آئيس.

ڇڏي ١٠ سال هلي سگهي ٿي.

١١. هڪ شاعر پنهنجي زال کي چيو ته منهنجا گيت دنيا کي آڳ لڳائيندا.

جوٽس :- منهنجو اسٽوپ ٻون ڪان ٻري ٿي اٿو. پهريائين اهو ته ٻاري ڏي، پوءِ ڀلي دنيا کي جلاءِ.

١٢. سهري پنهنجي ننهن کي، صبح جو اٿڻ سان چيو: پٽ، اٿي ته ٻار.

گهر ۾ آيل مهمان وائڙو ٿــي ويــو. چوڻ لڳو: ڪاڪا، خير ته آهي. صبح جو اٿڻ مهل ٻــٽي ڇا ڪندا؟

سهرو :- پيارا، توکي خبر ڪانهي. هيءَ اهڙي ته سدوري آهي، جو هاڻي چولدومانس اٿي ٻار، ته تڏهن سج لٿي مس وڃي اٿي ٻاريندي.

١٢. (پٽ پيءُ کي) :- بابا، چانهه پيئڻ ۾ فائدو آهي يا نقصان؟

پيءُ :- پٽ، پنهنجي چانهه پيئڻ ۾ نقصان آهي، پر ٻين جي چانهه پيئڻ ۾ فائدو آهي.

١٣. پٽڻي (پٽيءَ کي) :- توهان جــو سوٽ پراڻو ٿي ويو آهي. نوڪر کي ڏيئي ڇڏيان.

پٽي :- نه نه، اهو رکي ڇڏ ته انڪم ٽيڪس جي حاضريءَ ڏينهن ڪورٽ ۾ پائي ويندس.

هڪ دوست :- جنهن ڇــوڪريءَ کي منگل سوڙر

وٽ لاٿي آهي.
ٻيربل چيو :- هائو سائين. راڻي صاحبه ان
ڪانءُ کي سڃاڻي ۽ ان کي سزا ڏجي. سو
سڀني ڪانون کي گهرائڻ لاءِ هڪ ڪرڙيءَ جي
ديگ تيار ڪرائي، جنهن ماڙيءَ تي رکايو ۽ ڪانوَ
اچي گڏ ٿيندا. پوءِ راڻي صاحبه پنهنجي
ڪانوَ کي سڃاڻي ٻڌائي ۽ ان کي گرفتار ڪيو.
حڪم جي پوري ڪئي ويئي. برابر سوين
ڪانوَ اچي مڙيا. پر راڻي صاحبه اهو ڪانءُ
ڪين سڃاتي، جو سڀيئي ڪانوَ ساڳيا هئا.

١٢٤. ڪيٽن دوست، ڏي خبر. اڄ تنهنجو زال سان
جهيڙو هليو اچي؟
ٻه دوست. هاڻي فقط ٿي ڪيو آهي. هاڻي
جهيڙو ڪونهي. يعني سڀ ڪم وڙهائي ڪندو آهي.

١٢٥. هڪ سيٺ وٽ هڪ فقير آيو، چي خيرات ڏيو.
سيٺ چيو:- هن وقت مون وٽ ڪجهه ڪونهي.
فقير چيو:- ڀلا ڀوڄن ڪارڻ يا ڪوئي لٽو ڪپڙو ڏي.
سيٺ چيو:- هڪ دفعو چيم ۽ مون وٽ ڪجهه
ڪونهي.
فقير چيو:- ڀلا هل مون سان گڏجي ٻئي هلي پنون.

١٢٦. دڪاندار (گراهڪ کي) :- جڏهن ٽوهين هن
چٽيءَ کي برسات ۾ اس کان بچائيندا ۽ هيءَ

سنهيءَ ٿلهيءَ ۾.

۱۳۶. پٽ:- چئو بابا، جڏهن مهل مٿي ڇانئجندي آهي ته توهان ٻاهر وڃي بيهندا آهيو؟

پيءُ:- پٽ، انهيءَ لاءِ ته پاڙيوارا نه سمجهن ته زال کي ماري ٿو. مون کي ٻاهر بيٺل ڏسندا ته ٻاهران ئي موٽي ويندا.

۱۳۷. هڪ نشئي رستي ويندي وڃي هڪ مينهن سان ٽڪرايو ته چيائينس: ديوي معاف ڪجو. ڪڏهن ڇڏيس ته پتارو، هيءَ ديوي ڪانهي، مينهن آهي.

ٻئي دفعي رستي ويندي وڃي هڪ ٿلهيءَ عورت سان ٽڪرايو، ته چوڻ لڳو ته ماٺيو ٻه کڙا آهن، انهن رستن تي مينهون ڇڏي ٿا ڏين.

۱۳۸. گراهڪ (ٽيلر کي):- هي سوٽ ڪڏهن تيار ڪندين؟

ٽيلر:- پندرهن ڏينهن ۾.

گراهڪ:- ڀڳوان هيڏي دنيا ڇهن ڏينهن ۾ تيار ڪئي. تون هڪ سوٽ ۱۵ ڏينهن ۾ ٺاهيندين.

ٽيلر: ڀڳوان جي ٽڪڙ جا ته اهي حال آهن جو ڪي بيمار ته ڪي موٽا ته ڪي پتلا. ڪائي ساوڪ ته ڪائي سڄ. توکي سوٽ ٻه هڪ ڏينهن ۾ ٺاهي ڏيان ٿو، ڪائي ڇٽون، ڪائي ڳنڍ، ڪائي ٽوپا. گراهڪ ڳلي ماٺ ٿي.

پيل ڏسو ته سمجهو هيءَ شادي ڪيل آهي.
ٻئي پڇيو:- پلا ڪيئن ڄاڻجي ته هي ڇوڪرو
شادي ڪيل آهي.
پهرئين دوست:- هائو، ان جو ڏٺيءَ ؟ سوچ ۾
ڪنڌ هيٺ هوندو.

١٣٢. ڊاڪٽر (نوڪر کي):- ڪير آهي؟
نوڪر:- سائين، ڪلومل جو پٽ آهي. ڪالهه
پٽس لنڊ جي گوري وٺي ويو هو. رات جو اها
وٺي سمهيو آهي ته اڃا تائين نه اٿيو آهي.
ڊاڪٽر:- اسان جون نقلي گوريون ٿوروئي آهن
جو جهٽ پٽ جاڳي پوي.

١٣٣. ڏندن جو ڊاڪٽر:- پيارا، هي اوت ته نقلي آهن.
اهي ڪيئن ٿو ڏين.
گراهڪ:- پر توهان ڏند به ته نقلي ورتا آهن.

١٣٤. هڪ وانهڙوءَ رستي تي بيٺل هڪ لشئيءَ کان
پڇيو ته پيارا، هي رستو ڪيڏانهن ويندو؟
لشئي:- هي رستو اڃا پنڌ ڪرڻ سکيو ئي
ڪونهي. اڃا هن سال ته ڄائو آهي.

١٣٥. زال (مرد کي):- مان جيڪڏهن ٿلهي ٿي وڃان
ته به مونکي ساڳيو ئي پيار ڪندا.
مرد:- مان توکي ونهڻ ڏيءَ وقت وچن ڏنو آهي
ته توکي دک سک ۾ ساٿ ڏيندس، انهه ڪ

مرد: ها.

زال:- ڪيترو؟

مرد: جيترو شاهه جهان بادشاهه، ممتاز بيگم کي ڪندو هو.

زال:- شاهه جهان ممتاز لاءِ تاج محل ٺهرايو. توهان مون لاءِ ڇا ٺهرائيندا؟

مرد: مون تو لاءِ راشن ڪارڊ ٺهرايو آهي.

١٤. پٽ (ماءُ کي): ممي، توهان پهريائين سرڪس ۾ ڪم ڪيو آهي ڇا؟

ماءُ:- نه پٽ.

پٽ:- پاڙي وارا چوندا آهن ته ڊئڊيءَ کي آڱرين تي نچائيندي آهي.

١٤. سيٺ (نوڪر کي): هن بلڊنگ مان مڱهڙ ڪڍي ماري ڇڏ.

نوڪر: هائو سائين، مڱهڙ مارڻ لڳو.

رات جو سيٺ کي مڱهڙ چڪ پائڻ لڳا. هن ئي نوڪر کي چيائين: چورا، مڱهڙ ڪٿي ماريا اٿيئي، اڃا ته جيترا آهن.

نوڪر: نه سائين، مڱهڙ نه، مون سڀ ماري ڇڏيا آهن. هي انهن جون وڌوائون زالون هونديون.

١٤. ٻئي پٽ بازار مان وڃي رهيا هئا ته، پٽ چيو:

١٣٩. ڊاڪٽر (مريض کي): تنهنجو چيڪ واپس آيو آهي.
مريض:- سائين، بخار به ته واپس آيو آهي.

١٤٠. پيءُ پنهنجي ٽن پٽن کان پڇيو: پٽ، توهانجي گاڏي ڪهڙي ٿي هلي؟
هڪ چيو:- بابا، ناگپور ايڪسپريس.
ٻئي چيو: لکنئو ايڪسپريس.
ٽئين چيو:- مدراس ايڪسپريس.
پٽن پڇيو:- بابا، توهانجي گاڏي ڪهڙي ٿي هلي؟
پيءُ:- بابا، منهنجي گاڏي بيل گاڏي ٿي هلي.

١٤١. ڊاڪٽر (گراهڪ کي):- ڏي خبر، گهوڙي جي سواريءَ کان پوءِ تنهنجي زال جي وزن ۾ گهٽجڻ ۾ ڪو فرق پيو آهي؟
گراهڪ:- هائو سائين، گهوڙي جو وزن گهڻو گهٽيو آهي.

١٤٢. ماسٽر (شاگرد کي):- توهان کي خبر آهي ته پکين ۽ جانورن جي نظر تيز ٿيندي آهي.
ڇوڪرا:- هائو سائين.
ماسٽر:- ڪيئن؟
ڇوڪرا:- سائين، انهن کي ڪڏهن عينڪ پائيندو نه ڏٺو آهي.

١٤٣. زال (مڙس کي):- توهان مونکي پيار ڪندا آهيو؟

ڏاڍي سوٽ سٺي اچجانءِ، انهن ڏي ته هوشيار ٿيندينءَ.

۱۴۹. ماءُ:- پٽ پڙهه، امتحان اچي در تي بيٺا آهن.
پٽ:- امان، در بند ڪري ڇڏ. امتحان پاڻيهي پٺي ويندا.

۱۵۰. پيءُ (پٽ کي):- هل ته هوا کائي اچون.
پٽ:- نه بابا، مونکي بک ڪانهي. هاڻي ته روٽي کاڌي آهي.

۱۵۱. اڪبر (بيربل کي):- مورک ۽ سياڻو ڪيئن سڃاڻجي؟
بيربل:- مورک پڇندو آهي، سياڻو سمجهائيندو آهي.

۱۵۲. پيءُ (پٽ کي):- سڀاڻي ڏهينجا امتحان آهن. تو ڪجهه تياري ڪئي آهي؟
پٽ:- هائو بابا، پين ۾ مس وڌي آهي، ڪپڙا پريس ڪرايا آهن، باقي بوٽ ۽ جورابا وٺي ڏيو.

۱۵۳. هڪ شاگرد (ٻئي شاگرد کي):- ڇو پيارا، اسڪول ۾ نه ايندو آهين؟
ٻيو شاگرد:- پيارا، بابا چوندو آهي ته روز روز ساڳئي جڳهه تي نه وڃجي. عزت نه رهندي آهي.

۱۵۴. زال:- جيڪڏهن اوچتو مان مري وڃان ته؟
مرد:- مان پاڳل ٿي پوندس.
زال:- توهان ٻي شادي نه ڪندا؟
مرد:- مان ايترو پاڳل نه ٿيندس.

بابا، جليبيون گرم گرم تڄن ٿيون، وٺي ڏيو.

پيءُ:- پٽ، جليبيون ته جيڪب آباد جون، هتان جون ڪهڙيون جليبيون آهن، ڪڏا گهٽ.

اڳتي وڌيا ته پٽ چيو: چڱو بابا، آئسڪريم وٺي ڏيو.

پي:- پٽ، آئسڪريم ته شڪارپور جي لکيدر جي. هيءَ ڪهڙي آئسڪريم.

مطلب جهڙي پٽ گهري ته پيءُ چوي پڪوڙا ته پاڪستان جا، هتان جا ڪهڙا پڪوڙا. ائن چٽي ٽاري چڙي. ٻئي ڏينهن ٻي پيءُ پٽ کي ڪم چيو ته پٽ انڪار ڪيو.

پيءُ (پٽ کي): ڇورا، پيءُ جو چوڻ نٿو مڃين.

پٽ بابا، پيءُ ته پاڪستان جا، هتان جا ڪهڙا پيءُ آهن.

١٤٧. ماءُ (پٽ کي):- جڏهن تنهنجي شادي ٿيندي تڏهن ڪنهن ڪنهن کي گهرائيندين؟

پٽ:- پهرين سڀني کي گهرائيندس، باقي ڏاڏيءَ کي نه گهرائيندس، جو هن مون کي پنهنجي شاديءَ تي نه گهرايو هو.

١٤٨. ڌيءَ (ماءُ کي):- امان، مان اڄ شالا مان باباسُوٽ سکي آئي آهيان.

ماءُ:- شاباس. سڀاڻي ٻي سُوٽ، پڙهڻ

جڏهن مان ۽ ٻئي بازار مان حلوو، سيرو پُوڙي
کائي ايندا آهيون، ته ان باري ۾ توکي مان
ڪڏهن پڇايو آهي؟

۱۵. جج:- جيڪڏهن تون ڪوڙ ڳالهائيندين ته،
ڪيڏانهن ويندين؟
اپراڌي:- سڌو نرڪ ۾.
جج:- جيڪڏهن سچ ڳالهائيندين ته؟
اپراڌي:- جيل ۾.

۱٦. پوڪسيلر (شاگرد کي):- جيڪڏهن هيءَ گائيڊ
وٺندين ته پڪ ۵۰ سيڪڙو مارڪون ڪڍندين.
شاگرد:- مهرباني ڪري مون کي ٻه گائيڊون
ڏي، جيئن ۱۰۰ سيڪڙو مارڪون ڪڍان.

۱٦. ڇوڪرو (حجام کي):- تو ڪڏهن گڏهه جي
حجامت ڪئي آهي؟
حجم:- نه دوست، اڄ مون کي پهريون موقعو
مليو آهي.

۱٦. چار سهيليون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون.
پهرين سهيلي:- منهنجي گهوٽ جا وار ڪارا
آهن، انڪري مان ڪاري ساڙهي پائيندي آهيان.
ٻي سهيلي:- منهنجي گهوٽ جا وار اڇا آهن،
ان ڪري مان اڇي ساڙهي پائيندي آهيان.
ٽين سهيلي:- منهنجي گهوٽ جا وار سونهري

١٥٥. مرد:- اڄ مان پنهنجي زندگيءَ جو ويمو پرايو آهي. جيڪڏهن موٽڪي ڪجهه ٿي ته پيو، ته توکي ۽ ٻارن کي تڪليف نه ٿيندي.

زال:- ائين آهي ته پوءِ توهان کي آئينده ڊاڪٽر وٽ علاج واسطي نه وڃڻ گهرجي. اجايو (غير ضروري) خرچ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو.

١٥٦. هڪ دوست:- يار، تون آهين ته موٽو، پوءِ به ڊڪڻ ۾ پهريون نمبر تو اچين؟

ٻيو دوست:- يار، جنهن مهل مان ڊڪندو آهيان، تنهن مهل مان ائين سمجهندو آهيان ته منهنجي پٺيان منهنجي زال ويلڻ کڻي ٿي اچي.

١٥٧. هڪ ٻارڪي:- يار، منهنجو پيءُ ايترو ته تارون آهي، جو نديءَ ۾ ٽپو ڏيائين ته سڌو اچي عربي سمنڊ ۾ نڪتو.

ٻيو ٻارڪي:- يار، منهنجي پيءُ نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ته سڌو وڃي هردوار نڪتو.

ٽيون ٻارڪي:- منهنجي پيءُ نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ته سڌو نلڪي مان اچي نڪتو.

١٥٨. ممي:- ٻڌ پٽ، اڄ جيڪي اسان ٻوڙيون پڪوان ڪاڏا آهن، انهن جي باري ۾ پنهنجي ڊئڊيءَ کي نه ٻڌائج. نه ته آئينده مان توکي نه کارائيندس.

پٽ:- نه ممي، مان ڀلا ڊئڊيءَ کي ڇــو چوندس؟

۱۶۷. ماءُ (پٽ کي) :- پٽ گهر جي صفائيءَ تي پورو ڌيان ڏجي.
پٽ:- ها ممي، اڄ فرش کي بلڪل صاف ڪري ڇڏيم.

۱۶۸. ٽڪيٽ چيڪر (ڇوڪري کي) :- اڌ ٽڪيٽ صرف ۱۲ سالن کان گهٽ عمر وارن لاءِ آهي. تنهنجي عمر گهڻي آهي؟
ڇوڪرو:- هن وقت منهنجي عمر ۱۱ سال، ۱۱ مهينا، ۲۹ ڏينهن آهي. سڀاڻي کان سڄي ٽڪيٽ وٺندس.

۱۶۹. ماستر (ڇوڪري کي) :- جيڪو ڪم تنهنجو پيءُ اڌ ڪلاڪ ۾ ڪري ٿو، اهو ڪم تنهنجي ماءُ گهڻي وقت ۾ ڪري سگهندي؟
ڇوڪرو:- سائين، ڪلاڪ ۾.
ماستر:- ڪيئن؟
ڇوڪرو:- سائين، اڌ ڪلاڪ جهڳڙو ڪندي، اڌ ڪلاڪ ڪم ڪندي، ته ڪلاڪ ته ٿيو.

۱۷۰. پيءُ (پٽ کي) :- جيڪڏهن توکي اٺ آنا ڏيان ۽ تنهنجي ننڍي ڀاءُ کي روپيو ڏيان ته ٻڌاءِ ڇا ڪندءُ؟
وڏو پٽ:- لڙائي.

۱۷۱. پٽ:- بابا، مان اڄ اٺ آنا بچائي اسڪول پهتس.
پيءُ:- ڪيئن؟

آهن، تنهن ڪري مان سولائيءَ ساڙهي پائيندي آهيان.

چوٿين سهيلي:- منهنجي مڙس کي مٿي تي وار ئي ڪونهن، هاڻي مان ڇا ڪريان؟

١٦٣. ڊاڪٽر صاحب، منهنجي مرض بابت الڳ الڳ ڊاڪٽرن جا الڳ الڳ رايا آهن.

ڊاڪٽر:- گهٻراءِ نه، پوسٽ مارٽم بعد منهنجو رايو سچو ثابت ٿيندو.

١٦٤. حلوائيءَ جي دڪان تي هڪ گراهڪ کي سنبوسن کائڻ ۾ سواد نه آيو ۽ حلوائيءَ کي چيائين ته سنبوسا جيڪي ٽيون ڏينهن ڏنا هيئه، سي سٺا سوادي هئا.

حلوائي:- صاحب، هي ساڳيا سنبوسا ٽيون ڏينهن وارا ئي آهن. اسان ڀلا بي ايماني ڇو ڪريون؟

١٦٥. اسپتال وڃڻ لاءِ سڌو رستو ڪهڙو آهي؟ راهگير مسافر کان پڇيو.

مسافر:- ڪنهن بس يا آٽو سان ٽڪر کاءِ، بس سڌو اسپتال پهچي ويندين.

١٦٦. پيءُ (پٽ کي):- پلجي، شادي نه ڪجانءِ. شاديءَ ۾ وڏا جهنجهٽ آهن.

پٽ:- ها بابا، مان ته شادي نه ڪندس پر پنهنجن پٽن کي به اها سکيا ڏيندس.

وڪيل آهي؟

١. هڪ سنهي ماڻهوءَ کي ٿلهي زال ملي، سو غمگين گذاريندو هو.
تنهن کي هڪ دوست کيس سمجهائيندو هو ته، پيارا، زال مڙس هڪ گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن.
سنهون:- هائو ڀاءُ، پر ائين ته نه ٿئي جو گاڏيءَ کي هڪ ڦيٿو سائيڪل جو ۽ هڪ ڦيٿو ٽرڪ جو هجي.

١. مريض:- ڊاڪٽر صاحب، مونکي ته ڊپ ٿو ٿئي جو مان پهريون دفعو آپريشن ٿو ڪرايان.
ڊاڪٽر:- پر مان به ته پهريون دفعو آپريشن ٿو ڪريان، پوءِ مونکي ڊپ نٿو ٿئي.

١. سپاهي (موٽر واري ڊرائيور کي):- جڏهن مون هٿ مٿي ڪيو، تڏهن تو موٽر ڇو نه بيهاري؟
ڊرائيور:- مون سمجهيو ته تون مون کي سلام ٿو ڪرين.

١٧. ٿاڻيدار (چور کي):- پر ٻڌاءِ ته، تو سيٺ جي گهر کي ڪاٽ ڪيئن هنيو؟
چور:- اڄ رات جو توهين مونسان گڏ هلجو، ته پوءِ سيکجهي سگهندا.

١٨. پيءُ (پٽ کي):- جڏهن مون مئٽرڪ پاس ڪئي ته اسڪول جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو.

پٽ :- بابا، مان بس جي پٺيان پٺيان ڊوڙندو وڃي پهتس.

پيءُ :- ڇورا، جيڪڏهن ٽئڪسيءَ جي پٺيان ڊوڙندو وڃين ها ته ٻه روپيا بچائي سگهين ها.

١٧٢. هڪ دوست (ٻئي کي) :- ائين ڇو، غريب گهڻو ڪري ٽئڪسين ۾ سواري ڪندا آهن ۽ شاهوڪار پيرين پنڌ ويندا آهن.

دوست :- غريب، غريبي لڪائيندا آهن. شاهوڪار شاهوڪاري لڪائيندا آهن؟

١٧٣. مڙس (زال کي) :- ڪالهه جيڪا هڪ رپئي واري لاٽري ورتم، ان تي ڏه هزار روپيا انعام مليو آهي.

زال :- انعام وڃي کڏ پوي. پر ٻڌاءِ ته تون منهنجي پڇڻ کانسواءِ روپيو ڇو خرچيو؟

١٧٤. ماستر (ڇوڪري کي) :- ٻڌاءِ، هندستان ۾ سخت گرمي ڪٿي ٿيندي آهي؟

ڇوڪرو :- سائين، اسانجي رڌڻي ۾. جتي هردم پيئي باهه ٻري.

١٧٥. هڪ ڇوڪرو :- منهنجو پيءُ طاقت ۾ شينهن وانگر، بدن ۾ هاٿيءَ وانگر ۽ ڊڪڻ ۾ هرڻ وانگر آهي.

ٻيو ڇوڪرو :- ان کي ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ گهڻي

١٨٥. هڪ فقير ڪنهن در تي بيهي چوڻ لڳو:- خدا جي نالي هڪ روٽي ڏيو.
اندران جواب آيو:- گهر واري گهر ۾ ڪانه آهي.
فقير:- سائين، مونکي گهر واري نه کپي، مونکي روٽي کپي.

١٨٦. ماءُ (ٻارن کي):- جيڪو منهنجي آگيا ۾ هلندو، ان کي انعام ڏينديس.
سڀئي ٻار (وڏي واڪي):- اهو انعام بابي کٽندو.

١٨٧. هڪ فقير (حلوائيءَ کي):- هيڏيون مٺايون رکي ويٺو آهين، کائين چو نه ٿو؟
حلوائي:- ائين کائيندو رهان ته جهڳو نـــي جهٽ ٿي وڃي.
فقير:- چڱو، تون هيٺ لهه ته مان ٿو وڃي کاوان، پلي منهنجو جهڳو جهٽ ٿئي.

١٨٨. هڪ ڇوڪرو (ماءُ کي):- اماں، مـان گهٽو لهان؟
ماءُ:- پٽ، تون لک رپيه لهين.
ڇوڪرو:- اماں، لک رپئي جو وياج گهٽو ملندو آهي؟
ماءُ:- هڪ هزار رپيه مهني ۾.
ڇوڪرو:- پوءِ ممي، تـون مونکي ڏئين مهني ۾ ڏه رپيا، پيا سڀ تـــون ڪٽين. ممي سچ ٻـــڌاءِ، گهڻا هزار گڏ ڪيا اٿيئي. ممي، تون ته شاهوڪار ٿي پئي هوندينءَ. هاڻي مونکي سؤ رپيا مهني

پٽ:- بابا، مان جڏهن مئٽرڪ پاس ڪندس تـــ، اسڪول ٽوڙي ڇڏيندس.

١٨١. ماستر (ڇوڪري کي) :- ڇورا، پنج ۽ پنج ڏهه، ته ڇوڙ ڪيترا اچني؟

ڇوڪرو:- سائين، جڏهن خبر ته اٿوَ ته پوءِ مون کان ڇو ٿا پڇو.

١٨٢. مريض (ڊاڪٽر کي) :- جڏهن مان صبح جو ننڊ مان اُٿندو آهيان تـــ، اڌ ڪلاڪ وٺي جهوٽـــا کائيندو آهيان.

ڊاڪٽر:- پوءِ تون ڇـــو نـــ، تو اڌ ڪلاڪ دير سان اُٿين.

١٨٣. مريض:- ڊاڪٽر صاحب، هن دوا سان واڱڻ کاوان؟

ڊاڪٽر:- نه.

مريض:- ڀلا ڏهي وڙا کاوان؟

ڊاڪٽر:- نه.

مريض:- ڀلا ڪڙهي چانور کاوان؟

ڊاڪٽر:- خير ٻيو سڀ ڪجهه کاءُ پر منهنجو مغز نه کاءُ.

١٨٤. ماستر (شاگرد کي) :- ٻڌاءِ، هاٿيءَ ۽ مک ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

شاگرد:- سائين، مک هاٿيءَ تي ويهي سگهي ٿي، پر هاٿي مک تي ويهي نٿو سگهي.

مولڪي لالو لڳي. گهرجي، جو مولڪي مشهوري
ڪرڻي آهي. توهان صحيح ٽيل چڪ ضرور
ٻين کي ڏيکاريندا.

۱. هڪ ڄوڻاٽو امبٽيءَ ۾ لٿون آيل هو. هڪ لفٽ
۾ هڪ ٻڍيءَ عورت کي مٿي ويندو ڏٺائين.
ٿوريءَ دير کان پوءِ وري هڪ جوان زال کي
هيٺ لهندو ڏٺائين ته عجب ۾ پئجي چوڻ لڳو
ته واه، جي هيءَ مشين آهي، جو ٻڍي مان
جوان ٿو ڪڍي پوي. جيڪر مان به پنهنجيءَ
ٻڍيءَ زال کي هن مشين ۾ موڪليان ها.

۱. آمريڪا، رشيا ۽ ڀارت جا ٽيئي پوليس ڪپتان
اچي پاڻ ۾ گڏيا.
حال احوال اوريندي آمريڪا جي ڪپتان چيو:-
اسان وٽ ڪهڙو به ڏوهاري، چور يا خوني هجي
ته ۱۲ ڪلاڪن اندر پڪڙيو ويندو آهي.
رشيا جي ڪپتان چيو:- اسان وٽ ۴ ڪلاڪن
اندر پڪڙيو ويندو آهي.
ڀارت جي ڪپتان چيو:- اسان وٽ ۱۲ ڪلاڪ
اڳ ۾ خبر پوندي آهي ته ڪٿي چوري يا
خون ٿيڻو آهي.

۱. جج (چور کي):- تون پهريون ڪورٽ ۾ آيو آهين؟
چور:- هائو سائين، هن وقت تائين مون کي

۽ ڏيندي ڪر.
ماءُ ڪلڪ لڳي.

١٨٩. هڪ ماڻهو (ٽيليفون تي گهٻراهٽ ۾):- ڊاڪٽر، ڊاڪٽر، منهنجو پٽ پين ڳهي ويو آهي.
ڊاڪٽر:- مان اچان ٿو.
ماڻهو:- جيستائين توهان اچو تيستائين ڇا ڪريان.
ڊاڪٽر: تيستائين پينسل سان ڪم هلاءِ.

١٩٠. مالڪ (مسواڙيءَ کي):- ٺيڪ ٺيڪ ٻڌاءِ، مسواڙ ڪڏهن ڏيندين ؟
مسواڙي:- اهو جوتشيءَ کان پڇي ٻڌائيندو سانءِ.

١٩١. مريض (ڊاڪٽر کي):- سائين، مان توهان جو ٿورو ڪيئن لاهي سگهندس ؟
ڊاڪٽر:- رپين سان، نوٽن سان يا چيڪ سان.

١٩٢. ڊاڪٽر (مريض کي):- تون ڇا مون کي گڏهه سمجهيو آهي ؟
مريض:- ڊاڪٽر صاحب، توهان شايد پهتل شخص آهيو جو منهنجي دل جي ڳالهه سمجهي ويا.

١٩٣. ڪي شخص ڪنهن ڪنجوس وٽ دان وٺڻ آيا. ڪنجوس ٥٠١ رپين جو چيڪ ڪڍي ڏنن. اهي خوش ٿيندا گهر پهتا. ڏسن ته، چيڪ تي صحيح ئي ٿيل ڪانهي. موٽي آيا ڪنجوس وٽ.
ڪنجوس:- مان توهان کي مدد ۾ ٿي چيو ته

نصيب ۾ هڪ ٻٽ لکيل آهي.

٢٠٢. ماستر:- نند، تنهنجو ڀيءُ ڪهڙو ڏاڍو ڪندو آهي؟
نند :- سائين، منهنجو ڀيءُ اڳي ڪارو ڏاڍو ڪندو
هو، هاڻي اڇو ڏاڍو ڪندو آهي.
ماستر :- ڪيئن ؟
نند :- سائين، منهنجو ڀيءُ ٻهراڻين ڪوئلن جو
ڪم ڪندو هو. هاڻي کير جو ڏاڍو ڪندو آهي.

٢٠٣. ماءُ (ڏيءَ کي) :- هاڻي بس ڪري وڃ. مٿو
ٿي ڪائين.
ڏيءَ :- گهر ۾ جو ڪائڻ لاءِ ڪجھ نه، رکيو اٿيئي.

٢٠٤. جج :- (ڏوهاريءَ کي) :- تون ڇا ڪندو آهين؟
ڏوهاري :- ڪجھ نه ڪجھ.
جج :- ڪٿي رهندو آهين؟
ڏوهاري :- ڪٿي نه ڪٿي.
جج هن کي جيل جي سزا ڏني.
ڏوهاري :- مان جيل مان ڪڏهن ڇٽندس ؟
جج :- ڪڏهن نه ڪڏهن.

٢٠٥. هڪ ٻٽاڪي :- اسان جي حاطي ۾ هڪ شاهي
درخت آهي. جنهن جا پن ايڏا ته وڏا آهن جو
هڪ پن پٽي، ڪٽي ڪمري ۾ وڇاءِ ته گلم جي
ضرورت ئي نه پوندي.
ٻيو ٻٽاڪي :- اسان جي باغ ۾ گلاب جو گل ايڏو

پوليس پڪڙي نه سگهي آهي.

١٩٧. ڪنهن دانيءَ پرش، پنهنجو ڪوٽ لاهي ڪنهن فقير جي مٿان وڌو جو ٿڌ ۾ ڌڪي رهيو هو.

فقير:- سائين، ڇو ٿا غريب جي روزيءَ تي لت ڏيو. هيڏو قيمتي ڪوٽ پيل ڏسي، مون کي ڪير خيرات ڏيندو؟

١٩٨. هڪ سورداس فقير گاڏيءَ ۾ پني رهيو هو ته ڪنهن سپاهي ڇنڊس ته پيارا، ڪالهه ته بنگلو تي پٽي ٻڌي ورتئه.

فقير:- هائو، مان ٽرائل ڪري رهيو آهيان ته ڏسان ته وڌيڪ ڀيک ڪهڙي تي ملي.

١٩٩. هڪ ساهيڙي (ٻيءَ کي):- منهنجو مڙس روزانو هزارين ماڻهن کي روٽي کارائيندو آهي.

ٻي ساهيڙي:- تنهنجو مڙس ايڏو داني آهي؟

پهرين ساهيڙي:- چري، تون نه سمجهيو. منهنجو مڙس ايگل هوٽل ۾ ويٽر آهي.

٢٠٠. ماستر (شاگردن کي):- اهو ڪهڙو ماڻهو آهي جنهن کي مرڻ کان پوءِ ماڻهو ياد ڪن؟

شاگرد:- سائين، جيڪو گهڻو قرض کڻي ويو هجي.

٢٠١. هڪ ماڻهو (جوتشيءَ کي):- ڇا، منهنجي نصيب ۾ اولاد لکيل ئي ڪانهي؟

جوتشي:- بلڪل نه. ها، باقي تنهنجي پٽ جي

مرد :- هن کي ڀلا ڏاڍ ڪوڙ آهن. ڪلهي ٽوڙ
وڏي ٿو.

زال پڇي ڏينهن ڪي سڀ ڏاڍ ڪيڏانهن آئي ۽
مڙس کي ڇڏائين ته هاڻي مولڪي ته گهڻو پيار
ڪندا آ؟

مرد :- اڄوڪو پوءِ مٿو به ڪوڙائي، هن پيار واڳر
توڙهي ٿي.

٢٠. اڪبر بادشاهه پڇيو ته منهنجي هٿ جي ترپ ۽
ڪي وار ڇو نه آهن؟ ڪوئي به جواب ڏيئي نه
سگهيو.

بيربل :- سائين، توهان خيرات ڏئي ڏئي وار
کسائي ڇڏيا آهن.

اڪبر :- ڀلا توهانجي ترپ ۽ ڪي وار ڪونه آهن.

بيربل :- ها سائين، مان خيرات وٺي وٺي وار
کسايا آهن.

اڪبر :- ڀلا هنن ٻين جي ترين جا وار ڪٿي آهن.

بيربل :- سائين، توهان ته جيڏي مهل انعام ڏيندا
آهيو ته هي سڀ جلندا آهن ۽ پنهنجون ترئون
مليندا آهن، انهي ڪري وار کسي ويا اٿن.

اڪبر بادشاهه کي ڳل اچي ويئي.

٢١. هڪ سيٺ کي فقير چيو ته اسان ٻئي ڀائر ۽
سنڌو آهيون.

نہ وڏو آهي جو ان جو هڪ ڳل پٽي، مٿان ڪٽي ٽنگجي نہ جڻ شاميانو لڳي ويو.

٢٠٦. (پتي پتنيءَ کي) :- رات مونکي سپني ۾ لک رپئي جي لاٽري ملي. نوٽ پئي ڳڻيم تہ اک کلي وئي. نوٽ گم ٿي ويا.

پتني :- ڀلا ڳڻڻ جي مونکي ڏيئي ڇڏيو ها. هاڻي پاڻ کان بہ وڃايو، مونکان بہ وڃايو. مان جڻ کائي وڃان ها.

٢٠٧. هڪ دوست (ٻئي کي) :- تنهنجا مائٽ ڪٿي رهندا آهن؟

ٻيو دوست :- منهنجا مائٽ سڀ ٻمبئيءَ ۾ رهندا آهن.

پهريون دوست :- سو ڪيئن؟

ٻيو دوست :- ٻڌ پيارا، منهنجو دادر ۾ دوست رهندو آهي. ماٽونگا ۾ مامو رهندو آهي. ماهيم ۾ ماسي رهندي آهي. چيمبور ۾ چاچو رهندو آهي. ڊومبيوليءَ ۾ ڊاڊي رهندو آهي. ڀانڊوپ ۾ ڀيڻ رهندي آهي. سنڌو نگر ۾ ساهرا رهندا آهن. مان پاڻ ملاڊ ۾ رهندو آهيان.

٢٠٨. مرد پنهنجي ننڍڙي پٽ کي پيار ڪري رهيو هو تہ جوڻس چيو تہ مونکي نہ ڪڏهن اهڙو پيار ڪونہ ڪندا آهيو؟

ڏيکاري. ڏسڻ سان سنڌس پٽيءَ کي کل
اچي وئي. ڪوٽ تي لکيل هو: ”هن کي پاڻ
ڏياريندا ته خط ٽپال ۾ وجهي.“

٢١٢. هڪ ڪنجوس سيٺ، ڪنهن برهمڻ جي رسوئي
مڃائي. پنهنجي زال کي چيائين ته فلاڻو براهمڻ
رسوئي کائڻ لاءِ ايندو. روٽي کارائي کجهه
ڏئي براهمڻ کي خوش ڪجانءِ. پاڻ دڪان تي
هليو ويو.

رسوئيءَ وقت براهمڻ آيو. رسوئي کائي ماتا کي
چوڻ لڳو: براهمڻ کي هڪ وڳو ڏي، هڪ منڊي
ڏي، هڪ سيجا ڏي، براهمڻيءَ لاءِ ساڙهي
ڏي، پنج سؤ دکشڻا ڏي، ڦل ڏي، هي ڏي،
هو ڏي. مطلب ته مائيءَ کان هزارن جو مال
ڪڍي، براهمڻ خوش ٿيندو، آسيس ڏيندو، گهر
روانو ٿيو.

مائيءَ به دل ۾ چيو ته، پاڻ چئي ويو آهي ته
براهمڻ کي کجهه ڏئي خوش ڪجانءِ. سو مائي
به دل ۾ خوش هئي ته منهنجو پتي مون تي
پرسن ٿيندو.

رات جو سيٺ گهر آيو ۽ استريءَ جي ڳالهه ڪرڻ
تي ڪروڌ ۾ اچي زال کي گهٽ وڌ ڳالهايائين
۽ لڳو براهمڻ کي گاريون ڏيڻ ۽ لٺ کڻي ڀڳو

سيٺ :- ڪيئن ؟

فقير :- هڪ پيءُ کي ٻه ڌيئر هيون. هڪ جو نالو هو شاهوڪاري ۽ ٻيءَ جو نالو هو غريبي. سو غريبيءَ سان مان شادي ڪئي ۽ شاهوڪاريءَ سان تو شادي ڪئي.

٢١١. پتنيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو ته- هيءُ ڪارڊ ڪڍي وڃي ٽپال ۾ وجهو، جو مان پيڪن کي لکيو آهي.

هن جو پتي هو وسارو، پنهنجي ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ ڏاڍو مشغول، سو سالده ٤-٥ ڏينهن استريءَ جي چتائڻ تي به کيس وسريو وڃي. ٽپال جي دٻي ۾ وجهي ئي نه. آخر جوٽس اٽڪل ڪئي. سندس پتي صبوح جو جيئن گهر کان نڪتو ته جيڪو به گڏجيس، اهو چويس ته پيارا، خط ٽپال ۾ وجهجانءِ. هي اچي ڦاٿو. چوڻ لڳو: مون کي ته زال بدنام ڪري ڇڏيو. هيءَ زال ٿي ڪا جٺ ٿي. سو رات جو گهر موٽيو ته اچي پنهنجي زال تي بگڙيو. ڇي گهر گهر ۾ وڃي پڙهو ڏئي آئي آهين. توکي شرم نه آيو. سندس زال اچي کل ۾ ڇٽڪي. ليڪن هي وڃي ڪروڌ ۾ ڪارو ٿيندو. آخر سندس استريءَ سندس ڪوٽ ڪڍي اچي ڪوٽ جي پٺيءَ پٺيءَ کي

ڪشمير ۾ ويا. اتي هڪ هوٽل ۾ ڪمرو گهرايائون.
مئنيجر:- پهريائين اهڙو سرٽيفڪيٽ پيش ڪريو
ته، توهين ٻئي زال مڙس آهيو؛ توهان ۾ مرد
ڪير آهي؟ (جو ٻئي ڦل سوٽ ۾ هئا)
زال مرد کي ڪاوڙ جي چيو ته، توهانکي ڇيم
ڪين ته شاديءَ جو ڪارڊ کڻي هلو.
مئنيجر:- بس بس، مون سمجهيو ته، هيءَ توهان
جي زال آهي.

٢٠. هڪ مولويءَ وعظ ٿي ڪيو ته هڪ مائي روئي
ويٺي. ملان دل ۾ خيال ڪيو ته هن مائيءَ کي
منهنجي ليڪچر جو ڏاڍو اثر ٿيو آهي. سو اُٿي
خوش ٿي، مائيءَ کي گهرائي پڇيائين ته روئين ڇو؟
مائيءَ چيو:- تنهنجي ڏاڙهي منهنجي ٻڪر
جهڙي آهي. اهو ٻڪر ٣ ڏينهن ٿيا آهن جو
گذاري ويو آهي. تنهنجيءَ ڏاڙهيءَ کي ڏسي
مون کي منهنجو ٻڪر اچي ياد پيو.

٢١. هڪ مولويءَ وعظ ڪندي چيو ته، سيائي رمضان
ايندو، سڀئي روزا رکجو.
اتي ڪي ڏاهري مسلمان به ويٺا هئا، تن پڇيو
ته رمضان ايندو ته ڇا ڪندو؟
مولوي:- روزو رکجي. سڄو ڏينهن مانيءَ نه کائجي.
بک ڪجي.

براهمڻ ڏي ته ڏٺل سڀ شيون ٿـو ڪسي اچاس.
هوڏانـهن براهمڻ کي به خبر هئي ته هي ڪنجوس
ضرور ايندو، مس مس هٿ آيو آهـــي. سو زال
کي سيکاري، پاڻ وڃي اندر سمهي پيو.
سيٺ اڏامندو آيو ۽ براهمڻيءَ کـــي چيائين تـــ،
براهمڻ ڪيڏانـهن ويـو؟ ڪيئس ٻـاهر، منهنجي
گهر واريءَ کي ڦري آيو آهي.
براهمڻي :- جيئن توهان وٽان رسوئي کائـــي آيو
آهي ته اچي پيٽ ۾ وڏ پـــوڻ لـڳس. توهـانجي
زال رسوئـــيءَ ۾ زهر وجهي مهراج کـــي کارايـو
آهي. هو انـدر پيو ٿـو ڦٿڪي. منهنجو پٽ ويو
آهي پوليس ۾ رپورٽ ڪرڻ. اجهو ٿـــي پوليس
اچي. بس، اهو ٻڌي سيٺ جون تـــ ڌٻريون ٿي
ٻليون ٿي ويون.
پوءِ سيٺ هٿ جوڙي اچي براهمڻ کـــان معافي
گهرڻ لـڳو. بـــراهمڻ ليئن زور زور سـان ڦٿڪڻ
لـڳو. سيٺ چوي: منهنجي عزت بچاءِ.
براهمڻ :- بابا، مان مٺس ته پرواهه ناهي، پر پوليس
جو ايندي، ان کي ته منهن توکي ئي ڏيڻو آهـي.
آخر سيٺ آزيون نيزاريون ڪري، رپيه هڪ هزار،
پوليس لاءِ ڏيئي جند ڇڏائي واپس موٽيو.

٢١٣. زال مڙس لـئين شادي ڪري هڪي مُون ڪرڻ لاءِ

ڪڍيائونس ۽ کيس وٺي، چڱيءَ طرح ڪٽيائونس.
هڪ پوليس وارو رستي تان وڃي رهيو هو، تنهن کيس پڪڙي، پوليس ٿاڻي تي اچي حاضر ڪيو. ۽ انسپيڪٽر کي چوڻ لڳو ته هي خوني آهي ۽ ماڻهن جا گلا ۽ کيسا ڪٽڻ ۾ پيا، ۽ هن سان شامل آهن.

ٽيلر (انسپيڪٽر کي) :- سائين اسين ٽيلر آهيون. مان لوڪر کي چيو ته، قميص جو گلو ۽ کيسو چڱيءَ طرح ٺاهي ڪٽجانءِ، مٿان ڪاري لـــ، چڱين ته هي مون کي پڪڙي آيو آهي. سڄي پوليس ٿاڻي تي ٺهڪڙو مچي ويو.

۲۱۷. هڪ ماڻهو پنهنجي گڏهه کي ماري رهيو هو ته ڪنهن ماڻهوءَ چيس : ويچاري غريب کي ڇو ٿو مارين؟ تنهن تي پنهنجي ٽوپي لاهي گڏه جي مٿي تي رکي، هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته آئينده توکي نه ماريندس. تنهنجا ذات ڀائي ناراض ٿا ٿين.

۲۱۸. هڪ ٺاڻيدار سيٺي سان چرچا ڪندو هو. سو هڪ زميندار کي شتر صاحب ڪري ڪيڪارپائين.

زميندار ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هٿ هٿ ۾ ملائي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

ٺاڻيدار چيس ته شتر صاحب يعني اٺ صاحب.

ڏاهرين چيو:- جيڪو رمضان اچي اسان کي ٺڳي ڪيائي، ان کي اسان اڄ نه ڏينداسون، رستي ۾ ئي ماري ڇڏينداسون. صبح جو اٿڻ سان ڏاهري شهر جي ٻاهران دڳ جهلي وڃي بيٺا. ايشور جي ڪرپا سان ٻپهران هڪ مسافر پٺي آيو. ڏاهرين پڇيس ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟

مسافر:- منهنجو نالو آهي رمضان.

ڏاهري:- بس، رمضان نالو ٻڌي اچي ورتائونس. خوب مار ڏئي موٽائي ڪڍيائونس. چيائونس: وري هيڏانهن منهن نه ڪج.

٢١٦. ماستر شاگرد کان دير سان اچڻ جو سبب پڇيو.

شاگرد:- سائين، اڄ برسات ڏاڍي پيئي آهي. ايتري ترڪڻ آهي جو هڪ قدم اسڪول ڏي ٿي آيس ته ٻه قدم پوئتي ٿي ترڪي ويس

ماستر:- پوءِ ڀلا پهتين ڪيئن؟

شاگرد:- سائين، پوءِ منهن ڪيم گهر ڏي ۽ پٺي ڪيم اسڪول ڏي. اهڙيءَ طرح هڪ قدم گهر ڏي ته ٻه قدم اسڪول ڏي ٿي آيس! انهيءَ ڪري دير ٿي وئي آهي. سائين، توهان ضرور معاف ڪندا.

٢١٧. هڪ نيلر گهر ڏانهن واڪندي، وڏي آواز ۾ لوڪن کي چئي رهيو هو ته گدو ڇڳيءَ طرح

اُٺ جو ڪنڌ هيٺ ڇو هوندو آهي؟
نوڪر:- سائين، هن ۾ ڪنهن ڏي ڪوٺ نهرائي ڏيڻ جو انجام ڪيو هوندو.

٢٢٢. هڪ انگريز ڇوڪريءَ اخبار ۾ ليک وجهايو ته ڪهڙن کي لکين رپيا ڪمائڻ جي ترڪيب ٻڌايان؟ ڪهڙن مون کي ٤ آني جون ٽڪليون ۽ پوري ائڊريس لکي موڪليو.
مائٽهن لکين لفافا موڪليا.
ڇوڪريءَ سڀني کي اخبار ۾ گڏيل جواب موڪليو ته مون وٽ اِن لکن رپين جون ٽڪليون پهتيون آهن. اهو رستو آهي ڪمائڻ جو.

٢٢٣. وڏائي فقير وٽ هڪ گڏه هوندو هو. هي گڏه کي چيڪو گاهه وجهندو ته هڪ ڳانءِ اچي اهو کائي وڃندي هئي.
وڏيو فقير به ڳانءِ کي هڪلي ٿڪجي پيو. سو خدا کي چيائين ته خدا تعاليٰ، ڳانءِ کي مارين ته ٺيڪ. صبح جو اٿي ڏسي ته سندس گڏهه مئو پيو آهي. سو پڙي هٿ مٿي کڻي خدا کي چيائين ته هيڏو وقت خدائي هلائي ٿي، پر ڳانءِ ۽ گڏهه سڃاڻڻ به نه سکيو آهين.
مان توکي چيو ته ڳانءِ مار، ڪين گڏهه مار.

٢٢٤. هڪ بادشاهه جو شرط هو ته، جيڪو مون کي

زميندار به هو پورن ڏينهن جو استاد. سو
چيائين ته اسان وٽ ته شتر صاحب نانيءَ کي
چوندا آهن. سڪه، اهي ڳالهيون ٻن جي روبرو
ٿوروئي ٻڌائبيون آهن ته مان توهان جو نانئي
ٿيان. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ ٿاڻيدار کان شتر
صاحب چوڻ ئي وسري ويو.

٢١٩. هڪ مسخري کي هڪ پراڻو دشالو انعام مليو.
جنهن تي لکيل هو لا الله الا الله.
سو ٻئي مسخري چيس ته هن تي محمد رسول
الله ته لکيل ئي ڪونهي.
پهريون مسخرو:- هي حضرت صاحب جي نبوت
کان اڳ جو آهي.

٢٢٠. هڪ فقير کان پڇيائون ته تنهنجو مذهب ڪهڙو
آهي؟
فقير: ڪو به نه.
تنهنجي چيائونس ته، قيامت جي ڏينهن ڇا
ڪندين؟
فقير:- جنهن مذهب جا گهڻا ماڻهو بهشت ۾ ٿا
وڃن، مان به انهن جي قطار ۾ وڃي بيهندس.

٢٢١. هڪ امير، نوڪر کي گرم ڪوٽ ٺهرائي ڏيڻ
جو انجام ڪيو، پر جڏهن نوڪر ڏسي ته ڪنڌ
ڪٽي هيٺ ڪري. هڪ ڏينهن امير پڇيو ته

آخر هڪ حجم، جيڪو بادشاهه جي حجامت ڪندو هو، ان کي لوڀ ڏيئي هٿ ڪيائون. اُن حجم هڪ ڏينهن بادشاهه جي حجامت ڪندي بادشاه کي چيو حضور، مان رات جو هڪ خواب لڌو آهي ته توهان جو اَبا جان بهشت ۾ واڍهي لنگهه ٿي پيو آهي. سو مونکي چيائين ته اڪبر کي چئه ته مهنو کن بيربل کي موڪل ته مون کي اچي ولدرائي.

سو بادشاهه بيربل کي چيو ته تون بهشت ۾ اَبا جان وٽ مهنو کن وڃ ۽ وڃي ڪمس ولدراءِ. بيربل سمجهي ويو ته اها شرارت ٻين وزيرن جي آهي ۽ سموري حرڪت حجم جي آهي. سو ٿي سمجهيائين ته بادشاهه مون کي ضرور جيئرو جلائيندو. سو هن سمورو بندوبست گهر ۾ لڪل رهڻ جو ڪري، ٻيو مڙدو بيربل ٻڌائي شمشان ۾ جلائي ڇڏرو ڪير ته بيربل مري ويو ۽ بهشت ۾ ويو آهي.

٢ مهنا کن رکـي بيربل ظاهر ٿيو ۽ دربار ۾ اچي بادشاهه سلامت کي اَبا جان جا وڏا وڏا سلام ۽ دعائون ڏيڻ لڳو ۽ ابا جان جو سنديشو ڏنائين ته ابا جان جي حجامت وڌي وئي آهي ۽ چيو اٿس ته پاڻ وارو حجم موڪل.

اڻ کٽ آکاڻي ٻڌائيندو، ان کي اڌ راڄ ڏيندس.
انهن پڻ مفت ۾ آکاڻيون ٻڌائيندو رهيو. ٻلا
ڪائي ٻه آکاڻي، ڏينهن ٻه هلي، هرڪو هارائي
هليو ويو.

هڪ جاٽ هو سياڻو. تنهن چيو، راجا ڪان اڌ راڄ
ضرور ڪٽان. سو اچي راجا وٽ آکاڻي شروع
ڪيائين. چي مهنجي ڏاڏي وٽ سون ايڪڙ
ٻني هئي. ڪڻڪ جو فصل ڏاڍو سٺو ٿيو.
سمورو اناج آڻي هڪ گدام ۾ پوريائين؛ سڀ
پاسا بند ڪرائي ڇڏيائين. ٻر پل ۾ هڪڙو ننڍڙو
رهجي ويس. اتان هڪ جهرڪي لنگهي آئي؛
اُن جو هڪ ڪڻو ڪڍي وئي. وري ٻي جهرڪي
آئي، ٻيو ڪڻو ڪڍي وئي. وري ٻي جهرڪي
ٻيو ڪڻو ڪڍي وئي. وري ٻي جهرڪي آئي
ٻيو داڻو ڪڍي وئي. وري ٻي جهرڪي آئي
ٻيو داڻو ڪڍي وئي. انهن پڻ آکاڻي هلي.
بادشاهه :- اها ٻي جهرڪي ڪڏهن بند ٿيندي.
جاٽ : جڏهن گدام خالي ٿيندو.
بادشاهه :- باهه لڳي گدام کي. مان ٻڌڻ کان ٿي
تو به ڪئي. انهن اڌ راڄ ڏنائينس.

١٢٥. اڪبر بادشاهه وٽ ٻيا وزير ٻيربل سان حسد
ڪندا هئا ته ڪيئن به ٻيربل کي مارائي ڇڏجي.

کان اچي رهيا هئا. هاڻي هٽي ڪير؟ هڪڙو ماڻهو هٺيلو هو. تنهن چيو ته اسان بيوقوفن کي جاءِ نه ڏيندا آهيون ۽ نه هٽبو.

ٻيو ماڻهو :- اسان بيوقوفن کي جاءِ ڏيندا آهيون ۽ پوءِ هٽي ويهو.

٢٢. هڪ مائيءَ جو پٽس گذاري ويو، سو لڳي ورلاپ ڪرڻ ته منهنجي پٽس جي کيتي ڪير سنڀاليندو؟

اتي ويٺلن مان هڪڙي چيو ته مان سنڀاليندس، خيال نه ڪريو.

مائي :- پر هي ٻار ڪير سنڀاليندو؟

ماڻهو :- مان سنڀاليندس، خيال نه ڪر.

مائي :- منهنجي پٽس تي زميندار جو قرض آهي. اهو ڪير لاهيندو؟

ماڻهو:- ڀائرو، توهان به ڳالهايو، ڪمورهائي ڪٺو.

٢٣. ڪنهن ماڻهوءَ هڪ ٻوڍي کان پڇيو ته توهان جي عمر گهڻي آهي؟

ٻوڍو :- مون کي ياد ناهي.

ماڻهو :- اتي هڪ ويٺل ڇوڪري کان پڇيائين ته تنهنجي عمر گهڻي آهي؟

ڇوڪرو :- اٺ سال.

ماڻهوءَ ان ٻوڍي کي چيو ته هن ٻار کي به خبر

پس حڪم ڏيئي ٻاهر هڻي، حجم ڪــي جيئري
ئي دفنايو ويو.

۲۲۶. هڪ ماڻهو ڊاڪٽر وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته توهان جي دوا مان مونکي ڏاڍو فائدو ٿيو آهي.

ڊاڪٽر ڏاڍو خوش ٿيو ٿـئي تــه منهنجي دوا هزارن کي فائدو پهچايو آهي.

اهو ماڻهو چوڻ لڳو تہ توهان منهنجي چاچي جي دوا ڪئي، هو گذاري ويو. ان جي سموري ملڪيت مونکي ملي وئي.

۲۲۷. هڪ ڏينهن اڪبر بادشاه دربار ۾ واڱڻن جي ڏاڍي تعريف ڪئي.

بيربل :- سائين، کائڻ ۾ ڏاڍا سوادي، ڏسڻ ۾ سٺا، مٿان ڪلنگي رنگ سٺو.

بادشاه :- کائڻ ۾ گرم آهن، مٿان ڪعبا ڏاڍا خراب آهن.

بيربل :- ها سائين، واڱڻ ڏاڍا خراب آهن.

اڪبر :- اهو ڇا چيئه؟

بيربل :- ها سائين، اسان واڱڻ جا نوڪر ٿورو ئي آهيون. اسان نوڪر آهيون توهان جا. سو جيئن توهان چوندا، اسان کي به ائين ئي چوڻو پوندو. سڄي دربار ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

۲۲۸. هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ ٻہ ماڻهو ٻنهي طرفن

ي وٺي آيو. سيٺ جهوپڙي ڏسي گهٻرائڻ لڳو. پر
ندر اچي ڪٻير کان پڇيائين ته تون ڪٻير، رام ڪٻير،
ڪرشڻ ڪٻير توهان آهيو؟
ڪٻير ڀڳت (هٿ جوڙي):- سائين، ماڻهو چوندا آهن،
ون ڪي ته خبر ئي ڪونهي!
سيٺ:- اهو ڪيئن؟
ڪٻير:- لوئيءَ جي ڪري ماڻهو چوندا آهن.
پر سيٺ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.
ڪٻير چوڻ لڳو: سيٺ صاحب، ويهو، جل پاڻي پيئو،
اشنان پوڄن ڪريو ته پوءِ توهان کي ٻڌايان ٿو. جڏهن
سيٺ ڪم مان واندا ٿيا ته ڪٻير ڀڳت چوڻ لڳو ته،
سيٺ صاحب، توهان کي ٻڌايان يا ڏيکاريان ته ماڻهو
ائين ڇو چوندا آهن؟
سيٺ:- پيارا، مونکي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو به.
ڪٻير:- چڱو پيارا ويهه ۽ آدر سان سيٺ کي ويهاريو.
ڪٻير:- لوئي، هيڏانهن ته اچ.
لوئي هٿ ٻڌي اچي بيٺي. سوامي، آگيا.
ڪٻير:- هڪ ڪچي مٽيءَ جي سر ته کڻي آءُ.
لوئي:- جي سوامي. ائين چئي سر کسي کڻي مٽي
ڪيائين.
ڪٻير:- لوئي.
لوئي:- جي سوامي.

آهي ته منهنجي عمر ڪيتري آهي. باقي توهان
کي خبر ناهي!

پوڙهو:- هي ٻلا هاڻي ڄائو آهي، انهن عمر ياد
اٿس. مون کي ڪيترا سال ٿيا آهن ڄائي، سو
ايڏن سالن جي ياد ڪيئن رهندي.

ڪبير ڀڳت جي پريکيا

٢٣١. ڪلڪتي ۾ هڪ ڪشنداس نالي ڪروڙپتي
رهندو هو. تنهن ٻڌو ته ڪاشيءَ ۾ هڪ ڪبير
نالي سيٺ رهندو آهي، جنهن جي ساک ساري
ڀارت ۾ ٿي ڳائجي. هرڪو پيو چوي ڌن ڪبير،
ڪرشڻ ڪبير، رام ڪبير. دل ۾ خيال ڪرڻ
لڳو ته مان هيڏو وڏو سيٺ آهيان، منهنجو نالو
ته ڪوئي نٿو وٺي. ڇا، ڪبير مون کان به ڪو
وڏو سيٺ آهي، جو هر ڪنهن جي زبان تي
ڪبير ڪبير لڳي پيئي آهي. سوئي الهيءَ کي
ڏسڻ گهرجي. اهو خيال ڪري هي ڪاشيءَ
پهچي پڇا ڪرڻ لڳو ته ڪبير سيٺ جو بنگلو
ڪٿي آهي؟

ماڻهو وائڙا ٿي ويا ته ڪبير سيٺ جو بنگلو يا
ڪبير سنت جي ڪٽيا! سو هڪڙو سياڻو ماڻهو
هو، تنهن سمجهيو ته هن سان ڪنهن ڇرچو ڪيو
آهي. سو هن کي ڪبير ڀڳت جي ڪٽيا

ن ۽ گهر واريءَ کان مٿي گيهه ۾ ڳوهائيندس تہ،
هنجو لالو ۽ ڇٻر وانگر ڳائڻ ۾ ايندو. سو گهر واريءَ
ي گهرائي، ڪيس چوڻ لڳو تہ، مان جيئن چوانءِ تيئن
ڪجانءِ ضرور.

هر وارِي:- چڱو، چاهي، ڪهڙِي ڪيپ ڪٽي آهو آهين
ڪاشيءَ مان. ٻن ڏينهن ۾ واپس موٽي آيو آهين، خير
ـ آهي نہ؟

سيٺ :- چڱو وڃ. هڪ ڪڇي سر ڪٽي آءُ.

گهر وارِي:- چڱو، ڇا ڪندين ڪڇي سر؟ اسان وٽ
ڙائيلس لڳل آهن، ڪڇي سر ڪٿان ايندي؟

سيٺ :- ٻر ٽوڪي چوان ٿو ڪٿان ۽ ڪٽي اچ.

لاچار حڪم جي ٻڌي، وڃي، سر ڪٽي آئي.

سيٺ :- چڱو اهيءَ سر کي ڪُٽ.

گهر وارِي :- چڱو، مٿي تي چٻڙِي رکندين ڇا؟

سيٺ :- ٽوڪي جيئن چوان، تيئن ڪر.

گهر وارِي (نوڪر کي):- اڙي رامون، هيڏانهن اچ. هيءَ
سر ڪٽ. اسان جي ابي ڏاڏي ـــ سران ڪٽيون
هيون، جو مان سران ڪٽيندس. رامونءَ سر ڪٽي
مٿي ڪئي.

سيٺ (گهر واريءَ کي):- چڱو وڃ، گيهه ڪٽي اچ ۽ اها
مٿي گيهه ۾ ڳوهي مانيون پچائي اچ.

گهر وارِي:- چڱو، مٿيءَ جون مانيون ٽڙن کي کارائيندين

ڪٻير:- اندران گيهه ڪٽي اچ ۽ ان مٽيءَ کـي گيهه ۾ ڳوهه. لوئي وئي، اندران گيهه ڪٽي آئي ۽ اچي مٽيءَ ۾ وجهي، ڳوهي هٿ ٻڌي بيٺي.

ڪٻير:- لوئي، انهيءَ مٽيءَ جون ماڻيون ٻڌائي آءُ.

لوئي:- جي، سوامي جئي، اندر رڌڻي ۾ ماڻيون ٻڌائڻ وئي.

ڪٻير:- پيارا ڏسُ.

سيٺ:- سائين، مان سمجهيو.

ڪٻير:- پيارا، انهيءَ ڪري مون کـي هرڪو ائين چوندو آهي. ته نه مونکي ڪٻير سڏائي. سيٺ صاحب، جيڪڏهن تون به ائين مٽي گيهه ۾ ڳوهائين تـه لوڪي به ماڻهو پوڇيندا. تون ته سيٺ ماڻهو آهين، مان تـه هڪ غريب ڪوري آهيان.

سيٺ:- هي ته تمام سؤلو آهي.

ڪٻير:- ڏاڍو سٺو.

سيٺ:- سائين، توهان چيو ته ڏيکاريانءِ يا ٻڌايانءِ. هاڻي ڏيکاريو ته سهي، پر ٻڌايو به ته سهي.

ڪٻير:- سيٺ صاحب، جنهنجي استري لوئي هوندي، لوئي معنيٰ (لڄ)، تنهن پرش جـي ڪٻرائي ۽ جس سنسار ۾ ڳائبو آهي.

اهو ٻڌي سيٺ ڪشنچند ڪٻير صاحب کان موڪلائي روانو ٿيو ۽ ڪلڪتي اچي پهتو. دل ۾ چوڻ لڳو تـه

سمجهن ٿا اڃا ڪو

٣- مون لاءِ ساڳيو ئي اهي ڀلا مٺيو آهين. تنهنڪري
اڄ ڪان وٺي

٤- نڪو مون کي پنهنجو اُپاسڪ سمجهه ۽ نڪي

٥- مون کي پنهنجي پيار ڀري نظر سان نهاريندو
ڪر ۽ ٿي سگهي ته

٦- منهنجو واپار به نه ڪندو ڪر ۽ نه ئي منهنجو
مالو ئي وٺندو ڪر ۽ نه

٧- مون ئي مهر واري نظر ڪندو ڪر ۽ هردم ائين
سمجهه ته

٨- مون کي تو لاءِ سخت ڌڪار ۽ نفرت آهي ۽ نه
ائين ڪو

٩- مون کي تو لاءِ بيحد قرب ۽ پيار آهي. ائين
ڪري سمجهه ته

١٠- منهنجون اکيون توکي ڏسڻ ۽ نيڻون گهرن ۽
نڪي وري

١١- منهنجا ڪن تنهنجي توري ئي آواز ٻڌڻ لاءِ
منتظر آهن. تنهنڪري

١٢- نه ڀاڻ کي منهنجي پيار جو حقدار سمجهه ۽ نه
ڪڏهن ڀلجي نه

١٣- منهنجي آڳڻ ۾ هڪوار ٻيهر پائج. در حقيقت مان
تنهنجي

ڇا؟ ائين ڇٽي لڳي رڙيون ڪرڻ. اڙي آهي ڪوئي، هن جا ته پڙدا خراب ٿي ويا آهن. اڙي ڇورا، وڃ-و ڊاڪٽر کي ته وٺي اچ. ڪاشيءَ مان ڪنهن پوسٽ پڪڙيو ائس. اڙي وڃو، جلدي ڪوئي ٻوٻو ته وٺي اچو. الائي ڪهڙو ڦهر ٿي ويو آ هن سان. ڇوڪرا ڀڳا. هڪدم ڊاڪٽر اچي ويا ۽ انجيڪشن تيار ٿي ويٺي. سيٺ گهڻو ئي پڪاريو، پر ٻڌي ڪير؟ ڊاڪٽر به لنڊن جي انجيڪشن هڻي ڇيو ته هن سان ڪوئي به نه ڳالهائي. هن جي دماغ تي تند جو اثر ٿيو آهي ۽ سرسام ٿي پيو ائس ۽ مغز ۾ چڙهي ويو ائس، تنهنڪري هن جو مغز ڪم نٿو ڪري. تنهنڪري اني جي بدران مٽيءَ جون مانيون ٿو کائي.

بس، سيٺي پٽڻ پڪڙي ڊاڪٽر کي چيو ته، هڻوس انجيڪشن، جيئن به ٿئي هن کي ته اُٿيئي نه، جيستائين مغز ٺيڪ ٿئيس.

سيٺ ته تن ڪٻير-رام ڪٻير - ڪرشن ڪٻير چوندو شانت سان سمهي پيو.

هڪ ئي خط جون ٻه معنائون

٢٢٢. [لِکي انگ مان مطلب سڌ ٿيندو]

١- تون پڙهي پاڻ ڇا به سمجهه، پر حقيقت ۾ تون منهنجي نظر ۾

٢- هڪ ٻئي درد ۽ ئي قياس پڳوان آهين. مٿان

...رتي، ٻادلن کان روئڻ ورتو، هوا کان چنچلتا ورتي، ...گدڙ کان ڊپ ورتو، مور کان مغروري ورتي، ڪمل ...گل کان نزاڪت ورتي، لوهه کان سختي ورتي، ماکيءَ ...کان مٺاج ورتو، شينهن کان بي رحمي ورتي، ٻاه کان ...تپش ورتي، برف کان ٿڌاڻ ورتي، طوطي کان ٽين ...ٽين ورتي، ڪوئل کان مٺي ڪوڪ ورتي، ٻگهه پکيءَ ...کان مڪاري ورتي، هنس پکيءَ کان سفيدي ورتي، ...ٻيل کان لوڏ ورتي. انهن سڀني شين کي ملائي، ان ...مان پتلو ٺاهي، منجهه جان وجهي، ان کي عورت نالو ...ڏيئي، ڪٽي مرد جي حوالي ڪئي.

هڪ هفتو گذريو ته آدمي برهما وٽ آيو. عرض ڪيائين ته ڀڳوان، توهان جيڪا عورت ڏني آهي ان ته منهنجي زندگي ئي زهر ڪري ڇڏي آهي. سڄو ڏينهن وٺي ٽين ٽين ڪري. مون کي اهڙو ته پريشان ڪيو اٿس جو مون کان برداشت ڪرڻ ئي ڏکيو آهي. ڪڏهن به اڪيلو نه ٿي ڇڏي. هر وقت هن جي ڳالهه کي ٻڌڻو ٿو پوي. منهنجو سڄو وقت وٺي اجايو وڃائي. جنهن ڳالهه لاءِ هينئر کلي ٿي، تنهن ڳالهه لاءِ ٿوري وقت بعد روئي ٿي. سڄو وقت بيڪار رهي ٿي. گهڙيءَ ڳائي ٿي، گهڙيءَ ڪائي ٿي. مون کان ته پڳتي ئي پلائي ڇڏي اٿس. مان اهڙيءَ عورت سان گڏ ڪڏهن به رهڻ لاءِ تيار نه

١٤- نڪي ناز نخرن جو ئي پابند آهيان ۽ نہ ڪي تنهنجي
١٥- مان موهيندڙ صورت جو ئي غلام آهيان. سچ نہ ائين آهي نہ تون
١٦- پاڻ کي دوکيباز ثابت ڪيو آهي ۽ دوکو ڪري تو اڳئين دفعي
١٧- تنهنجو من پاڻ ئي موهت ڪري ڇڏيو آهي ۽ پوءِ ڇو ڪين
١٨- تو جهڙي ڀڳوان کي پري کان ئي نمسڪار ڪريان ۽ ڇو اچايو
١٩- تنهنجو آسرو وٺي جيئان. تنهنڪري اچ ڪالوڻي
٢٠- وري نڪي تون مون سان ملڻ جي ڪڇ ۽ نڪي ڪڏهن نہ
٢١- مان پاڻيهي تو وٽ اچڻ لاءِ سسڪندس ۽ ملڻ لاءِ پاڙائيندس.

عورت جو جنم

٢٣٣. هندن جو برهما، جڏهن ناريءَ جي رچنا ڪرڻ ويٺو، تڏهن هن ڏٺو تہ سڀ مصالح مرد جي رچنا ڪرڻ ۾ خلاص ٿي ويو آهي. هيئنر برهما وڏي ويچار ۾ پئجي ويو تہ ناريءَ جي رچڻ ۾ ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. گهڻي ويچار بعد هن چندرما کان پرڪاش ورتو، گلن کان خوشبوءِ

منهنجي آنند جي انتهاء موڙيوئي دک جـي چيز آهي.
مهرباني ڪري توهين اها واپس وٺو.
مگر برهما ڪاوڙجـي چيو تـه ڪري وڃ هتان. وڃ،
جيئن تون سمجهي سگهين، تيئن وڃي هن کي سنڀال.
مان تنهنجي هيٺئين بڪواس ٻڌڻ لاءِ تيار نـه آهيان.
ان تي آدميءَ چيو تـه مـان عورت سان گڏ رهـي
نٿو سگهان.

برهما :- ان ڪانسواءِ به نه رهي نٿو سگهين. ائين چئي
آدميءَ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين.
آدمي تنهن تي هٿ رکي چوڻ لڳو ته مان عورت سان
گڏ رهي به نٿو سگهان ۽ ان ڪانسواءِ به رهي نٿو سگهان.
هاءِ، مان هاڻي ڇا ڪريان؟

٢٣٤. سڙيـل سس

سڀ سڪائڻون ڪري ڌج مڃ جهڙي گهر ۾ آئندڙ ته سهڻين،
پر منهنجا ته پرڳٽا به پڻائي وڌا اٿس. مون پڇيو تـه،
تنهن گهر ۾ آڻي مان شيءِ ڪلهي ڇڙهنداس. سڄي عمر
جي گڏ ماليون گڻيون اٿم، سو ڪي ڏن، ڪٿ چڙهي
ڪاٽيندس. ڌوئي وڃي آهي هٿن ڌارڻ لاءِ، نه ساڙڻ
لاءِ. پر هيءَ سگهڙ، سڄو ڏينهن ڌنگيون ڪڍي پئي
سڌارون ڪڍي. جواليءَ ۾ اڇي جون پيون اٿس، جـو
ڪک پڇي ! پيٺو نٿي ڪري. سڄن زباڻن ڌوڙ مرڪن.
ڌيئڙي ڌن جيڪر ڪيندو، ڇيڇت به تنهن کي اپرندو.

آهيان. تنهنڪري توهين مهرباني ڪري پنهنجي ڏاڻ سوغات واپس وٺو.

برهما مشڪي هٿ وڌايا. چيائين ته چڱو واپس ڏي منهنجي ڏاڻ سوغات.

آدمي عورت ڏيئي روانو ٿي ويو. هڪ هفتو مس گذريو ته آدمي برهما وٽ آيو. چوڻ لڳو ته، جنهن ڏينهن کان وٺي مان عورت توهان کي واپس ڪئي آهي، تنهن ڏينهن کان وٺي خبر ناهي ته ڇو منهنجي زندگي مون کي ڦڪي ۽ بسي پئي لڳي. اها عورت رکي رکي ياد ٿي پوم. چالاڪ ته منهنجي خوشي وڌائڻ لاءِ خوشيءَ وچان ناچ ڪندي هئي ۽ مست ٿي گانا ڳائيندي هئي. پنهنجون موڪريون اکيون منهنجي اکين ۾ اڙائيندي هئي. مون سان گڏ هلندي هئي. مون سان اڱل ڪندي هئي. هن جي ڳلڻ ۾ سڳنڌ هو. هن جي درشن ۾ خوبصورتي هئي. ڀڳوان ڏاڍو چڱو ٿيندو، جي اها عورت مون کي واپس ڏيندا.

برهما:- چڱو، ڇٽي عورت آدميءَ جي حوالي ڪئي. صرف ٽي ڏينهن مس گذريا ته اهو آدمي برهما وٽ وري آيو ۽ چيائين ته ڀڳوان، منهنجي سمجهه ۾ ئي ڪجهه نه ٿو اچي ته هي مون سان ڇا ٿي رهيو آهي. وري به آخرڪار انهيءَ فيصلي تي پهتو آهيان ته، عورت

عي گدلي ٻار کان، حسد ۽ ساڙ کان.
ڪروڌ ۽ اهنڪار کان، ناڳي ۽ مونڪار کان.
ظلوم جي پڪار کان.

(ڳجهارت)

٢٣.

ڳ هيءَ ڳجهارت ٻاري، هئي چئن ڄڻن جي ياري.
١- هڪ درويش، ٻيو ڊکڻ، ٽيون درزي،
چوٿون هو سونارو.
سنگت ڪري هو هليا ڪمائڻ، رات ٿي ٽين اڌارو،
ترسي تڏهن پيا لاچار.
٢- ڊکڻ ٺاهي ٺُنڊ مان هڪڙي، نار عجائب سهڻي،
مرڪ پرهل ۽ نقش سٺا، هئي مثل من موهڻي،
ڏهڻ ٽي نه ڏونالي ماري.
٣- درزيءَ جو اڌ رات مهل ۾، ننگن ناري ڄالي،
ريشم جي پوشاڪ سبي تنهن، ان پتليءَ کي پاتي،
هاڻي حسن وڌيو هيڪاري.
٤- سوناري جي ٽئين پهر ۾، نظر وڃي اُت اٽڪي،
سون الهيءَ پهراڻس اهڙو، لعل پيا جڙ لٽڪي،
سندري سونهي هئي جڙ ساري.
٥- دوريءَ ٽان درويش ڏٺو جڏهن، مڙدو سندمڪ مادي،
ساه وجهي تو ڪيس اٿاريان، ڪندس الهيءَ سان شادي،
پر ٽي چئني جي حقداري.
٦- وڙهندا جهڙيندا آيا اوهان وٽ، ٽي فرمائي چاري،

مولڪي ڪا پٽس هيٺيان ٻڌائي آهي ڇا، منهنجي ڏيڻ لاءِ سڀ جون سڌيون ۽ ٻيئنگ جون ٻڳيون چڙهيون پيون اٿن. سڀيا ويا سڀ کي، دان کي نه پڄ کي. هڪڙي ٻنڙي ڇوُ جو جيجل ماءُ کان گره ڳٺو ٿيو. ٻاڻ ٻلي ڪائن، باقي ٻين لاءِ اٿن ڪين جو ڪيو.

مائي، مون کي ائين ڪٿ ڪين چڙهندو؟

هائو امڙ، اڄ جمالو ئي اهڙو آهي.

٢٣٥. هيٺين ۴٠ ڳالهين کان ساوڌان رهو

اليڪٽرڪ جي تار کان، گند ۽ گار کان.
اولده الذڪار کان، مليريا بخار کان. منش بدڪار کان.
جهيڙي تڪرار کان، ٻري وچار کان، ماستر جي مار کان.
نشي جي خمار کان، ڪوڙي نڳه يار کان.
بيهودي گفتار کان، مهانگي ڏڪار کان.
بندوق تلوار کان، ڪوئلي جي چڻگار کان.
اجائي اڀاڙ کان، چغل گلادار کان، خنجر ۽ ڪٽار کان،
مايا جي جار کان، ڏيتي ليتي وار کان، جوئا ڪٽ هار کان.
چور ۽ چڪار کان، مطلبي سنسار کان، پرائي پچار کان.
فئشن جي پچار کان، لچڻي نار کان، سپاهي سرڪار کان.
ٻيڙي ۽ سگار کان، سٽي جي واپار کان.
شيطان جي جار کان، فريبي مڪار کان.
چاه جي چٽڪار کان، ظالم سردار کان، غصي ۽ هار کان.
شينهن جي گجڪار کان، وياج جي وهنوار کان.

سڪندر: تون مون کي ٿو سڏائين؟ مان شهنشاهه سڪندر اعظم آهيان.

درويش:- تون نه اهڙو سڪندر آهين. جو پنهنجي ملڪ مان ڀڄي ٿو اچين ۽ ٻين جي ملڪ تي ڪاهي رهيو آهين. تڏهن نه ڀڪاري ٻئي اهڙو سمجهي ٽڪو ٽوڪي ڏنم. سڪندر کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. هاٿيءَ تان لهي درويش جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ معافي گهري واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿيو.

سڪندر:- ڪرپا ڪري مونکي گيان ڏيو ۽ مون سان گڏ يونان هلو، جو مون کي پنهنجي مرشد، سقراط چيو آهي ته ڀارتائين نه هندستان تي ڪاهه نه ڪجانءِ، جي ٿو مڙين ته هندستان مان هيٺيون شيون منهنجي لاءِ کڻي اچج:

سڪندر سي ڪها سقراط نـي، جب تم هند ۾ جانا،
هماري واسطي ڀارت سي، ڪڇ سوغات لي آنا.
١- سدا جانا هنس ڪ ڀارت ۾، هزارون هنس رشي گيانـي،
هماري واسطي لانا، گرو ڀارت سي لاناهي.
٢- ٻڙي مشڪل سي آئيگا، وه گنگا جل ڀي لي آنا،
جسي پي ڪي رشيون ني، گهري تپ کو جانا.
٣- جهان تڪ هوسڪي تم سي، لي آنا ڪرشن ڪي گيتا،
شهنشاهه ڀول مت جانا، ڪهانـي رام اور سيتا.
٤- وهان ڪي ٻانس ڪي اڪ، ٻانسري ڀي لي آنا،

سڀ سياڻا انصاف عقل سان، حق ڪنهنجو هيءَ ناري،
هاڻي ڏسون تنهنجي هوشياري

٢٣٦. شهنشاهه ڪير

هڪ درويش مهاتما رستي ويندي ٽڪو لڌو. دل ۾ چيائين، منهنجي ته ڪم ڪونه ايندو، تنهنڪري اهڙي ماڻهوءَ کي ڏيان، جيڪو گهرجائو هجي. اهو ويچار ڪري اڳتي وڌيو ته ڏٺائين سڪندر بادشاهه پنهنجو لشڪر وٺيو، بگل باجن سان هندستان تي ڪاهيندو ٿي آيو. هن درويش دل ۾ چيو ته اهو سڪندر بکيو آهي، انهيءَ کي اِهو ٽڪو ڏيان. سو ڊوڙي وڃي انهيءَ هاٿيءَ جو اڳ جهليو، جنهن تي سڪندر بادشاهه پالڪيءَ ۾ ويٺو هو. ٽڪو بادشاهه ڏانهن اڇلائي، چيائين ته او فقير، او بکاري، هان هي ٽڪو اچئي ٿو، خزاني ۾ وجهي پورائي ڪر.

سڪندر بادشاهه هاٿي جهلي ڪروڌ ۾ :- اڙي، فقير تون ڪين مان.

درويش :- مان ته شهنشاهه آهيان، تون بکاري فقير آهين.

سڪندر :- توکي لشڪر ۽ خزانو ڪٿي آهي؟ (جو شهنشاهه ٿو سڏائين)

درويش :- نه مون کي گهرج آهي، نه منهنجو ڪوئي دشمن آهي. لشڪر ۽ خزانو اهو رکي، جنهن کي گهرج ۽ ڀؤ هجي. ٽڪو لڌم سو به توکي ڏنم ۽ بي ڀؤ ٿي تنهنجي سامهون بيٺو آهيان. (مون کي هڪ ايشور جو ڀؤ آهي.)

٢٣. ٻڪريءَ جي روپ ۾ گروءَ جو اُپديش

ڪ ماريءَ کي جهنگل ۾ ٻڪرين چارائيندي (چَرڪ) ۾
ڪڙو اينڊڙو ٻڪري اچي ڦاٿو. (سچو ڏاڍهن ڪوشش
ڪندي ٻيو ڪو به ڪنهن شڪار نه مليو هو) ماري
ڏايو ناراض ٿي گهر موٽڻ لڳو ته اينديو ٻڪري کيس چوڻ
لڳو ته مان توکي چار ڳالهيون ٻڌائيندس، جن تي
عمل ڪرڻ سان تون سکيو ستابو ٿي پوندين.

ماري ٻڪريءَ کي ماڻهوءَ وانگر ڳالهائيندو ڏسي عجب
۾ پئجي ويو ۽ ٻڪريءَ کي ڇڏي ڏنائين. ٻڪري اُڏامي
وڃي وڻ جي ٽاريءَ تي ويٺو. ٻڪري چوڻ لڳو ته اي
ماري، ڌيان ڏيئي ٻڌ :-

١- وتيءَ شيءِ جو شوڪ نه ڪجانءِ جو منهنجي پيٽ
۾ سوا لک رپيه جو لعل پيو آهي. تون گهر وڃي مون
کي کڻين ها ته اهو توکي هٿ اچي ها.
اهو ٻڌي ماري ٽريون مهڻ لڳو ۽ افسوس ڪرڻ لڳو.
ٻڪري چوڻ لڳو: هي ماري، مان توکي منٽ ۾ چيو ته
وتيءَ شيءِ جو شوڪ نه ڪجانءِ، پوءِ ٽريون ڇو ٿو
مهڻين. مان ته منهنجي هٿن مان وڃي چڪو آهيان.
ماري :- ٻيون ڳالهيون ٻڌاءِ، مان عمل ڪندس.
ٻڪري :- ٢- پراڻي استريءَ جو سنگ نه ڪجانءِ ٣- چڱن
جو چيو مڃجانءِ ٤- راجا، مکيءَ، پنڊوات يا ڪورٽ
۾ ڪوڙ نه ڳالهائجانءِ. وڃ وڃي انهن ڳالهين تي عمل

چاڪر هم ڀي ڏيکينگي، ڪتنا سُر هئه مستانا.

سڪندر:- سوامي، ڪرپا ڪري گنگا جل، ڀڳوت گيتا، رامائڻ، ٻانسري ۽ توهان پاڻ گڏيو، گڏجي مون سان يونان هلو جو منهنجي گروءَ جي آگيا آهي. مان توهان کي مالامال ڪري ڇڏيندس.

ڏنڊي مهاتما (ڪلپي ڪري) :-

١- پادشاهت هئه تجهي، گردش ۾ لاني ڪي لئي،
يه فقيري هئه مجهي، آرام پانـــي ڪي لئي.
٢- تجهڪو الهي فوج هئه، تجهڪو خطرا جان ڪا،
مجهڪو ياد ني موت آني هئه، هسالي ڪي لئي.
٣- رهتي هئه زر ڪي هوس، تجهڪو هردم بي انداز،
لعل هئن سنتوش ڪي، ميري خزاني ڪي لئي.
٤- مخملي گديون هي تجهڪو، نيند ڀي آتي نهين،
قدرتي ساوڪ ٻڇا هئه، ميري ٻڇاني ڪي لئي.
٥- مانگتا هئه اب ڀي تُو، ايشور سي دنيا ڪا راج،
هاٿ ڦيلاتا نهين مئن، ايڪ داڻـــي ڪي لئي.
٦- اي سڪندر ٻتلادو همين، هئه تُو ڏکي يا مئن ڏکي،
چند روز تُو هئه زنده، رستي ۾ جاني ڪي لئي.

تواريخ شاهد آهي ته سڪندر بادشاهه يونان نه ڪوله پهتو ۽ رستي ۾ ئي گذاري ويو. سندس سائين ڪانيءَ کان ٻئي هٿ ٻاهر ڪڍي، دنيا کي ڏيکاريو ته سڪندر خالي هاٿ چلا گيا.

ٿي ٿي پيو رهيو. هيڏانهن اهو ماري به پريان اهو سمورو لقاءُ ڏسي پاڻ کي لڪائيندو لڪائيندو اتي اچي پهتو ته پريان ٻنيءَ ۾ ڇٽن هارين پٽي هر ڪاهيو. تن به اهو سمورو لقاءُ ڏٺو هو. پريان رڙ ڪري انهن ماريءَ کي چيو ته ادا، اهو لاش ته رستي تان هٽائي پريرو ڪري ڪٽي اڇلاءِ. متان اسان تي ڪوڙو ڏوهه مڙهي. ماريءَ دل ۾ چيو ته پکيءَ چيو هو ته، پرائيءَ استريءَ جو سنگ نه ڪجانءِ. سو اڄ ان جي چوڻ تي عمل ڪيم ته جان بچي. ٻيو چيو هو ته ڇٽن جو چيو مڃجانءِ، سو هي هاري به چار ڄڻا آهن. سو انهن جو چوڻ ضرور مڃيندس. اهو ويچار ڪري ان لاش کي ٽنگن کان وٺي گهليندو اندر جهنگل ۾ هڪ کڏي ۾ ڪٽي اڇلايو. ايشور جي ليلا سان ان زميندار جي ڪوٽ جي کيسن ۾ ڪي اشرفيون ۽ نوٽن جا بنڊل پيل هئا، سي اڇلائڻ سان ڪڙ ڪڙ ڪري اچي ٻاهر پيا. هي به ايشور جا لک شڪرانا مڃي سمورو ڌن زميندار جي کيسن ۾ پيل ۽ ٻاهر ڪريل ڪٽي هارين کي دعائون ڪندو گهر روانو ٿيو. ڪن ڏينهن کان پوءِ سٺي جڳهه ٺهرائي ۽ سٺو دڪان ڪري آنند ۾ رهڻ لڳو. پر پاڙي ۾ ڇو پڇو شروع ٿي ويئي ته هي ماري سڄو، هن کي ڪٿان ڀاڳ لڳو؟ سو ڪن پاڙيوارن مڙي اچي پاسو ورتس ۽ دوستي رکي ڪالهس حال احوال

ڪر. ائين چئي پکي اڏامي هليو ويو.
ماري سوچيندو سوچيندو واپس گهر ڏانهن موٽڻ لڳو ته رستي ۾ کيس هڪ نوجوان عورت، جا ڀرسان ڀڄندي اچي رهي هئي، جنهن جي پٺيان ڪي ماڻهو کيس پڪڙڻ لاءِ ڪڍ هئا. اها عورت ماريءَ کي ڏسي چوڻ لڳي:- جلدي ڪر، مون کي بچاءِ، مان تنهنجي آهيان. مون کي ڪٿي لڪاءِ. هي سڀ زيور توکي ڏيندس.

ماريءَ جو من ڊانوان ڊول ٿيڻ لڳو. پر پکيءَ جي ڳالهه ياد اچي ويس ته پرائي استريءَ جو سنگ نه ڪجانءِ. اهو سوچي هو ٻيو دڳ وٺي هليو ويو.

ٿوريءَ دير ۾ ٻيو هڪ زميندار رئيس ماڻهو گهوڙي تي چڙهي، گهوڙو ڀڄائيندو ڀرسان ٿي آيو ته عورت واڪو ڪري چيس: مون کي پاڻ سان وٺي هل. مان تنهنجي آهيان. هي سڀ زيور به تنهنجا آهن. مون کي لڪاءِ. مون کي بچائي هل. اهو ٻڌي زميندار گهوڙو جهلي کيس گهوڙي جي پٺيان وهاري، گهوڙو ڀڄائيندو هليو ويو. اڃا ويرم ئي نه ٿي ته، ڪيترا ماڻهو پٺيان گهوڙن تي بندوقن سان ڪاهيندا آيا ۽ زميندار کي گهيرو ڪري ويا ۽ بندوقن جون گوليون هڻي زميندار کي ماري، سندس گهوڙو ۽ ان عورت کي پڪڙي واپس روانا ٿيا ۽ زميندار جو لاش رستي

سو تنهن ماريءَ پشچاتاپ ۾ سموري حقيقت سچ سچ بيان ڪئي.

مکي ۾ ڏاڍو سياڻو ۽ انياءَ ڪاري هو. تنهن فريادين کي چيو ته توهان اوپ وس ٿي پنهنجو پاڻ کي نقصان پهچايو آهي. ڪڏهن اکن جي ڦلين ڪاڻ سان ۽ گهڻيون مليون آهن. توهان بيسارا آهيو، انهيءَ ڪري پاڻ توهان کي سزا ڏاڻ کپي. نتيجو: هڪ لنڊڙي پکيءَ تي ديا ڪرڻ ڪري ڪيٽن ماريءَ جو ڪلياڻ ٿيو، اهڙيءَ طرح انسان کي ۽ جيو ديا ڪرڻ کپي.

ديا ڌرم ڪا مُول هئي، پاپ مُول ايمان،
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ ۾ پراڻ.

٢٣٨. (اوپ جي اِڇا)

هڪ غريب برهمڻ کي ڪنيا جي شاديءَ واسطي سون جي ضرورت هئي، جو ڪنيا کي منگل سوتر ڏاج ۾ ڏيڻو هوس. سو شهر جي راجا وٽ وڃي عرض ڪيائين ته راجن، فقط ٣ ماسا سون کپي جو ڪنيا کي ڏاج ۾ ڏيڻو اٿم.

راجا هڪ داني پرش هو. سو ئي غريب برهمڻ ڏسي ڪيس ديا اچي وئي ۽ وزير کي حڪم ڪيائين ته، هن براهمڻ کي خزاني ۾ وٺي وڃ ۽ سج لٿي تائين هنکي جيترو ٻه سون کپي اُل کڻي وڃي. جيئن ته براهمڻ لوڀيو هو ۽ سنتوشي نه هو، پر خزاني ۾ اکيچار سون

ورتائونس ته ادا ڏي خبر، توکي ڪيئن پتو لڳو؟ سو چوٽي آهي ته لڪشمي ايندي آهي ته اچڻ به، ايندا آهن، سو هي ڇا ٻڌائي؟ سو چوڻ لڳو ته ادا، جهنگل ۾ هڪڙو پير آهي، انهي اڪ جا وڻ بيٺا آهن. مان به سنسار جي دکن کان تنگ ٿي ڇيم ته هن جيوت کان مرڻ ڀلو. سو ٿـي انهن اڪن جـون ڦليون پٽي وٺس کائيندو. پوءِ ته پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳا ۽ اچـي ڪاڪوس ٿيا. پوءِ ته ادا ڪاڪوس ۾ گنيون ٿـي گنيون اچڻ لڳيون. منهنجا ته سڀئي دک دور ٿـي ويا جو شاهوڪار ٿي پيس.

اهو ٻڌي ٻاڙي جا ماڻهو رسارا، پـڳا جهنگل ۾. ڏسن ته برابر انهي هڪ پير آهي ۽ اڪ جا وڻ به بيٺا آهن. خوب دل سان لڳا اڪ جون ڦليون کائڻ. پوءِ ته اچي پيٽ ۾ وڏ پوڻ لڳن. اڌ مٿا ٿي لـوڙي لـوڙي گهر پهتا ۽ شهر جي مکيءَ کي دانهن ڏنائون ته ماريءَ اسان سان ظلم ڪيو آهي. اسان سان دشمني ڪري اسان کي مارڻ لاءِ اڪ جون ڦليون کارايون اٿس.

مکيءَ هڪدم ماڻهو موڪلي ماريءَ کي گهرايو ۽ پنچات ڪٺي ڪري ماريءَ کان پڇڻ لڳو ته حقيقت ڪيئن آهي؟

ماريءَ دل ۾ خيال ڪيو ته مکيءَ ڇيو هو ته راجا وٽ، ڪورٽ ۾، مکيءَ وٽ يا پنچات ۾ ڪوڙ نه ڳالهائجانءِ.

ڪري اچون. ائين چئي ٻئي جمنا نديءَ تي پهتا ۽ جمنا نديءَ ۾ گهڙي ٽٻي ڏنائون. جيئن ارجن ٻاهر منهن ڪيو ته نڪو ڪرشن، نڪو سندس ڪپڙا ۽ نڪو رٿ. ڪٿي به نظر نه آيس ۽ نه وري جمنا ندي، نڪو هستناپور ئي نظر آيس. پر هڪ گهاٽي جهنگل ۾ پاڻ کي بيٺل ڏٺائين ۽ ڪرشڻ ڪرشڻ ڪري پڪارڻ لڳو ته پريان ڪيترا ماڻهو ڊڪندا آيا ۽ ارجن کي پڪڙي وٺي شهر ۾ راڄ گديءَ تي وهاريائونس ۽ اُتي هن کي شادي به ڪرايائون. اُتي هن کي ٣٠ ورهيه راڄ ڪندي گذري ويا ۽ پٽ پوٽا به ٿيس. هڪ ڏينهن ارجن انهيءَ شهر کان ٻاهر جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ نڪتو. جهنگل ۾ هڪ تلاءُ ڏسي، اشنان ڪرڻ لاءِ ڪپڙا لاهي، منجهه گهڙيو ۽ ٽٻي ڏئي ٻاهر نڪتو ته ڪرشن به ان کان پوءِ ان تلاءَ مان ٻاهر نڪتو ۽ ارجن کي چيائين: جلدي ڪر، دير ٿي ٿئي. بک به ڏاڍي لڳي آهي ۽ ٻئي ڪپڙا ڪري پنهنجي رٿ ۾ چڙهي سڀدرا وٽ پهتا. پر سڀدرا اڃا سگري تياري رکي هئي ۽ چوڻ لڳي ته جلدي اشنان ڪري آيا آهيو. پر ارجن جو منهن ڪولو هو. ڪرشن ۽ سڀدرا کلي رهيا هئا.

ڏسي سندس من لالچ ۾ اچي ويو ۽ سون جون وڏيون وڏيون سرون ڪڍندو، گهر رکي، وري ائندو رهيو ۽ سج لٿي تائين ڪروڙن رپين جو سون ڍوئي چڪو هو. آخر سج لٿو ته وزير حڪم ڪيو ته براهمڻ ديوتا، هاڻي نڪري ٻاهر اچ ته در بند ڪريان.

براهمڻ:- ٻه سائين، هيءَ هڪڙي سر ڪڍان.

وزير:- سج لهي چڪو آهي.

براهمڻ:- ٻه سائين، هيءَ هڪ سر ڪڍان، مهرباني ڪر.

وزير ڪيس زوريءَ خزاني کان ٻاهر ڪڍيو ۽ در بند ڪري هليو ويو. ٻه براهمڻ ٻاهر ويهي روئڻ لڳو تہ هاءِ هاءِ، مان ڪيڏو نه ڪم نصيب آهيان، جو اها وڏي سر ڪڍي نه سگهيس. تڏهن چيو اٿن تہ سولين مهرن جو ڪڍي منهن وسي، ٻر لوڀ جي اڃا لٿي پياپي.

(ڀڳوان جي مايا)

هڪ دفعي ارجن کي اچي ايمان ٿيو ته مان ڀڳوان جي وراٽ روپ جو درشن ڪيو آهي ۽ ڀڳوان جـي سموريءَ مايا کي مان ڄاڻان ٿـو. ڀڳوان ڪرشڻ ارجن جي من جو ايمان ڏسي، دل ۾ خيال ڪيو ته ڀڳت کي سکيا ڏيڻ لازمي آهي. سو چوڻ لڳو ته ارجن، اڄ ڏاڍي ٻک لڳي آهي. اڄ سڀدرا جي هٿ جي رسوئي کائڻ. ائين چئي ٻئـي سڀدرا وٽ آيـا ۽ کيس چيائـون تہ تون رسوئي تيار ڪر تـہ اسان جمنا نديءَ تان اشنان

لکي آيو آهين، اهو ساڳيو ئي مضمون تنهنجو پاڻ به
لکي آيو آهي، اهو ڪيئن؟

شيوڪ :- هائو سائين، اسان جي گهر ۾ فقط هڪ
ئي گانءِ آهي.

٢٤٣. هڪ ماڻهوءَ پوليس انسپيڪٽر کي ٽيليفون ڪري
چيو ته: توهين جلد اچو، جو هڪ زال پنهنجي مرد
کي ماري رهي آهي.

انسپيڪٽر :- تون ڪير آهين؟

ماڻهو :- مان ان زال جو مرد آهيان.

٢٤٤. هڪ ماڻهو گڏهه کي صابڻ سان اشنان ڪرائي
رهيو هو. ٻيو ماڻهو اچي اتان لنگهيو ۽ چوڻ لڳو
ته، ادا، خير ته آهي. گڏهه کي تون اشنان ڪرائين!

هائو ابا، اڄ هن جي شادي آهي.

لنگهندڙ چيو ته ادا، اسانکي نه وسارجانءِ.

نه ابا، جيڪي گهوٽ کاڌو، سو توکي به ضرور
کارائبو.

٢٤٥. هڪ وڪيل ويمي ڪمپنيءَ کي ٽيليفون ڪيو ته
مونکي پنهنجي بلڊنگ جو ارجنٽ ويمو پرائڻو آهي.
ويمي ڪمپنيءَ جي آفيسر پڇيو: ان جو ڪارڻ؟
وڪيل چيو ته منهنجي بلڊنگ کي باهه لڳي آهي.

٢٤٦. هڪ ماڻهو دنيا مان تنگ اچي آپگهات ڪرڻ
لاءِ ڪنڊالا جي پهاڙيءَ تان ٽپو ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. اتي

٢٣٩. هڪ ماڻهوءَ کي رسوئيءَ کان پوءِ آڱريون چٽڻ جي عادت هوندي هئي. هڪ دفع کنهن پاڙيءَ رسوئي کائي آڱريون چٽي رهيو هو ته پرسان ويٺل هڪ ماڻهوءَ چيس ته ’پيارا، هي منهنجون آڱريون به چٽي صفا ڪري ڏي.‘

٢٤٠. هڪ دفعي اڪبر بادشاهه درٻارين کان پڇيو ته آسمان ۾ تارا گهڻا آهن، ڌرتيءَ جو وچ ڪٿي آهي ۽ دنيا ۾ مرد گهڻا آهن يا زالون؟ پر درٻارين مان ڪنهن به صحيح جواب ڪونه ڏنو. آخر ۾ بيربل چيو ته جيئندا قبلا، جيترا توهان جي مٿي ۾ وار آهن، اوترا آسمان ۾ تارا آهن. ڀلي ڳڻي ڏسو. ٢. جتي مان ويٺو آهيان، اتي ڌرتيءَ جو وچ آهي، ڀلي ماپي ڏسو. ٣. دنيا ۾ مردن ۽ زالن کان سواءِ، نپونسڪ به آهن، سو انهن کي الڳ ڪريو ته پوءِ ڳڻي ٻڌايانو ته مرد گهڻا يا زالون گهڻيون آهن. سڄيءَ درٻار ۾ واهه واهه ٿي ويئي.

٢٤١. سيٺ (نوڪر کي) :- جيڪڏهن تون ڪم برابر نٿو ڪري سگهين ته مونکي ٻيو نوڪر رکڻو ئي پوندو.

نوڪر :- هائو سائين، ضرور ٻيو نوڪر رکو، پوءِ ته جلد ڪم ڪري سگهنداسين ۽ آرام به ملندو.

٢٤٢. ماستر :- شيوڪ، جيڪر تون ڳانءِ تي مضمون

ستسنگ

٢٥١. تپ کي ورش هزار، ستسنگ گهڙي ايڪ،
تو ڀي نهين برابري، سکديو کهي وويڪ.

٢٥٢. ستسنگ ڪا سڌريا پلا، جيسي ڪاغذ ٽاٽ ڪا،
رجب گور پرساد تي، مٽ گيا انگ ڪلات ڪا.

٢٥٣. پاءَ پلڪ کي ست نهين، ڪرين ڪال ڪا ساج،
ڪال اچانڪ مارسين، جيئن تتر ڪو باج.

٢٥٤. خاڪ ڪا پتلا بنايا، خاڪ ڪي تصوير هئه،
خاڪ ۾ مل جائيگا، يهي خاڪ دامنگير هئه.

٢٥٥. آدمي ڪا جسم ڪيا هئه،
جس پئه شيدا هئه جهان،
هئه يي مٽي کي عمارت،
هئه يي مٽي ڪا مڪان.
خون جس ۾ هئه گارا، اينٽين هڏيان هئه اسي،
چند سواسون پئه کڙا هئه، يهي خيالي آسمان.
پر زور سي جب آنڌي آئيگي،
آءِ کي ٽڪرائيگي،
ياد رکنا يي عمارت، ٽوٽ ڪر گر جائيگي.

٢٥٦. ڪبير اتنا سوجهي نهين،
جو دي گهر اپني ڪو آگ،
پنجي لڙڪي مارڪي، رهي رام سون لاڳ.

پيا ۽ ماڻهو ايترا هئا جو هي جيئن اُٿو ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته هڪ ماڻهو کيس ڪنڌ کـان جهلي ٻاهر ڇڪي آيس ته ڪمبخت، تو کـان اڳ هيترا ماڻهو لائين ۾ بيٺا آهن آپگهات ڪرڻ لاءِ، تون ٻه هتي لائين ۾ ٿي بيهه.

٢٤٧. ٻه ماڻهون گاڏيءَ ۾ ويٺي ڳالهيون ڪندي هڪٻئي کان پڇڻ لڳيون ته: توکي گهڻا ٻار آهن؟ انهن مان هڪ چيو ته مونکي ٤٠ ٻار آهن. ٻيءَ چيو ته مونکي ٥٠ ٻار آهن. مان عجب ۾ پئجي ويس. ٿوريءَ دير کان پوءِ پتو پيو ته اهي ماسترياڻيون آهن.

٢٤٨. هڪ ماڻهوءَ گاڏيءَ ۾ ويٺي ٻئي ماڻهوءَ کي چيو ته مونکي دادر لهڻو آهي، ٻڌائجانءِ. ته ان ماڻهوءَ چيس ته جتي مان لهان ان کان هڪ اسٽيشن اڳ ۾ لهي وڃجانءِ.

٢٤٩. هڪ ماڻهوءَ هڪ فقير کي چيو ته اڳي تون دادر جي پل تي ويهي پنندو هئين، هاڻي هت ويٺو آهين.
فقير :- هائو سائين، اها پل مان پنهنجي ڌيءَ کي ڏاج ۾ ڏني آهي.

٢٥٠. هڪ فقير گاڏيءَ ۾ لنگڙو ٿي پنڻ لڳو ته هڪ ماڻهوءَ کيس سڃاڻي چيو ته ڪالهه ته تون سورداس ٿي پني رهيو هئين.
فقير :- هائو سائين، مان ٽرائل ڪري ڏسندو آهيان ته گهڻا پئسا ڇا ۾ ٿا ملن.

سهيوگي متر

مان آڀاري آهيان شري گرڌرلعل سيولاڻيءَ جو، جنهن پياري هن پستڪ جي لکڻ ۽ ڇپائڻ ۾ وقت بہ وقت پئي سهڻيون صلاحون ڏئي اُتساهت ڪيو آهي.

مان آڀاري آهيان شري ڊاڪٽر ديال آشا جو، هن پياري ٻڻ هر وقت پئي پستڪ لکڻ ۾ اُتساهت ڪيو آهي.

مان آڀاري آهيان شري ماڌوداس ۽ سندس فرزند اجيت ڪمار گيتا پريس وارن جو، جن پيارن جي اورچائيءَ، ڪم جي سچائيءَ ۽ پروف ڏسڻ جي چترائي ۽ محنت ساراهڻ جوڳي آهي. انهيءَ لاءِ ڪين ڌنيواد هجي.

سڀ کان وڌيڪ آهي آسيس ستگرو مهراج سوامي ٽيئورام مهاراج، ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جن جي، جن جي اسيم ڪرپا ۽ مهر هن داس جي مٿان هميشه ٿيندي رهندي ۽ پنهنجي نوراني نظر سان نهال ڪندا رهندا.

جيوڻداس سچانند آهوجا

اوم شانتي! شانتي!! شانتي!!!

٢٥٧. ڪيترا هنس ڪيئن نه ٿين پائيا، جن پاتيا ٿن روح،
هاسي ڪيئي هر ملي، تو ڪيُن ڏهاڳن هوء.

٢٥٨. نارائڻ هر ڀڄن ۾ ٿي پالڻ ناس ٿهين سهات،
وشيه ڀوڳ، نندرا، هسي، جڳت پريت ڀهه باٽ.

٢٥٩. من پنڇي تب لڳه اُڙي، وشيه واسنا ماڻه،
گيان - باز کي جهپٽ ۾، جب لڳه آئو ناڻه.

٢٦٠. نارائڻ لاج هاٿ پتِ، جسي اُر ڌرت سمير،
سيٺي ولر يا ڀُوم پتِ، رهسي راڪ کي پيار.

٢٦١. عشق، مشق، کانسي، خارش،
خير - خون، مڌ پان،
آت ڇپاوي نا ڇپي، پرگهٽ هوء نڌان.

٢٦٢. بشوار، بندر، اگن، جل، ڪوٽي، ڪنڪ - ڪلال،
ٿي دس، بس هوٽي نهين،
سوُچي، سوُٽا، سونار.

٢٦٣. فدا هوُن حسن اپني پَرِ، عشق ميرا خدا آهي،
جدر ديکُون، صنم سامهون، مجهه سي وو جدا ناهي.


٢٦٤. نه هري ڀُولو، نه جڳه ڇوڙو،
ڪرم ڪر زندگاني ۾،
رهو سنسار ۾ ائسي،
جيوُن ڪمل رهتا هئه پاني ۾.

٢٦٥. جب تڪ رهيگي زندگي، فرصت نه هوگي ڪام سي،
وقت ڪڇ ايسا نڪالو، پيار ڪر لو رام سي.

۱۷- ڪاوڙ ٽارڻ، جيءَ نه مارڻ،
قياس کي ڌارڻ ٿئي گهرجي.
۱۸- ڪوڙ نه ٻولڻ، من کي موڙڻ،
دان ڪندي ڏيندي نه ڏکجي.
۱۹- ٻول مٺو مک ساڻ چئو الت، شيل سڀاءُ سدا ڌرجي.
۲۰- اندر ٻاهر صاف رکي تن، چاهه چنتا ۾ نه مرجي.
(جيوڻداس آهوجا)

۲۱- سفيد وار موت جون مکڙيون آهن. (ڊي. جانسن)
۲۲- انتقام قدرت جي غذا آهي (شپئن)
۲۳- بنا ٻڌڻ جي جواب ڏيڻ بيوقوفي آهي (بيربل)
۲۴- صبر جو ميوو هردم مٺو ٿئي ٿو (راجا يڌشٽر)
۲۵- مغرور آدميءَ کي ڪو به پسند نٿو ڪري (گانڌي)
۲۶- خوش رهڻ وقت تنگي وقت ياد ڪريو (همايون)
۲۷- نيڪي ڪري پاڻيءَ ۾ وجهه (حاتم طائي)
۲۸- جوانيءَ جي پرهيز ٻڍاپي ۾ ڪم ڏئي ٿي (گانڌي)
۲۹- دنيا کي آباد ڪرڻ کان، هڪ دکيءَ دل کي شاد ڪر ”
۳۰- وديا اها سٺي، جا ايشور طرف لڳائي. (رام تيرٿ)
۳۱- لک مترن کان هڪ شترو گهٽو آهي (راجا ڀرتري)
۳۲- هستا جوڳي، ليٽي نار، ٻلي ٽنگي ڪين بهار ”
۳۳- سڀئي مارگ مت، ڳالهه جون ٿا هڪڙي (گرونانڪ)
۳۴- سون جي پرساد ٻـوي - پر لوڀـي نٿو رڄجي
(سڪندر)
۳۵- سچائي زندگيءَ جي ٻيڙيءَ جو ونجهه آهي (يڌشٽر)

اڄ جو نوجوان گيان، ڌيان
ساڌنا کي وهم ڄاڻي ٻيو
خنده زني ڪري ۽ وقت جو
زيان سمجهي. هو حواس جي
حرص کي ئي پرم آنند ڪري
ٻيو سمجهي. ان ڪري مائٽن
۽ ماسترن جو فرض آهي
هو روشن مدار ٻڻجي، نوجوان
جي رهبري ڪن. پر ان ڪا
اڳ ۾ ڀهران پاڻ آدرشي ٻڻجن



ڳرڌر ٻي. سيولاڻي
(مائر پوءِ)

आदर्श घराचे लक्षण

वित्रस्था हीच घराची शोभा
संतुष्ट स्त्री हीच घराची लक्ष्मी
समाधान हेच घरातले सुख
आतिथ्य हेच घराचे वभव
धार्मिकता हाच घराचा कळस
शेतात खत, बाजारात पत, घराच एक मत
तोच खरा सुखी शेतकरी ।

– विमला (मिरा) जी. सेवलाणी

rinted by : Shri Madhawdas Achhra at Shree
a Press, Sindhunagar - 421003. (Phone 71016),
blished by Shri Jiwandas Ahuja, Swami Teuram
ng Mandli, Ulhasnagar - 2, (Phone 548182)

٣٦- ڪليش وقت چپ رهو (سوامي سروانند مهاراج)
٣٧- ڪروڌ کي ڪروڌ سان نه، پر پريم سان وساءِ ”
٣٨- لنڊڙو ٻار مينهن جو وار، جاڏي وراءِ تاڏي وري.
٣٩- نادان دوست کان، دانا دشمن ڀلو.
٤٠- اب جو ڏاو ڇا ڪبو، جيسين رب نه ڏي.
٤١- تلوار جي گهاو کان، زبان جو گهاءُ خراب آهي.
٤٢- سڀئي گل ڪنڊن ۾ ئي اُپجندا آهن.
٤٣- زبان کي بند رکڻ لاءِ ٣٢ پهريدار آهن.
٤٤- ڏڌل کير، ڇٽل تير، ويل وقت، موٽي نه ايندا.
٤٥- اُميدي جسم جو سک، نااُميدي نفس جي راحت آهي.
٤٦- آتم وشواس سان، سڀڪجهه ملي سگهي ٿو.
٤٧- سچائيءَ جي ست مان، ڪرمن جو ڪڙو ٿاه.
٤٨- اهو توهين پڪ سمجهو ته ايشور جي شرڻ
وٺڻ ڪانسواءِ ڪو سک پراپت ڪري نه سگهندا.
(سوامي ٽيئونرام مهاراج)

...ستڪ ملڻ جا هنڌ :

- جيوڻداس آهوجا
سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش ستسنگ منڊلي،
...ڀوليلعل مندر جي پرسان، الهاسنگر-٢ (فون ٥٤٨١٨٢)
- سوامي ٽيئونرام
پريم پرڪاش آشرم، الهاسنگر ٥ - (فون: ٧٠١٣٧)
- ايل. ڪشنچند اينڊ سنس
بڪسيلرس، الهاسنگر-٢ (فون: ٧٠٤٢١)
- جگديش بوڪ ڊيپو، الهاسنگر ٢.